روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 30 اپريل 2023 ع بمطابق 09 شوال المکرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 334

حافظ نعيم مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ شڪست تي جماعت اسلامي ۾ اٿندڙ آوازن تي پريشان آهي: مرتضيٰ وهاب

مان پوري اعتماد سان چوان ٿو ته حافظ نعيم الرحمان ڪراچي ۾ دشمني جي ايجنڊا تي اڃي چڪو آهي

جماعت اسلامي جي بزرگ ۽ سنجيده ماڻهن کي حافظ نعيم الرحمان جي ڳالهين ۽ ذهني حالت جو نوٽيس وٺڻ گهرجي

ڪراچي جي عوام کي خبر آهي ته جماعت اسلامي سنڌن مقدمو نه وڙهي رهي آهي، سنڌ جي وڏي وزير پهرين ڏينهن کان آدمشماري تي آواز اٿاريو

حافظ نعيم الرحمٰن جي بيانن جو عمران خان جي بيانن سان مقابلو هلي رهيو آهي جن ۾ ڪا به صداقت ناهي ۽ بئي انتشار پکيڙي رهيا آهن

پيلز پارٽي جي سنڌ حڪومت ڪراچي جون رونقون بحال ڪري رهي آهي، ڪالهه واري اجلاس ۾ حافظ نعيم هوم ورڪ ڪانسواءِ ويهي ڳالهائيندو رهيو

حافظ نعيم مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ شڪست تي جماعت اسلامي ۾ اٿندڙ آوازن تي پريشان آهي، پنهنجي اڳواڻن جي شڪست جو جواب ڏيڻ بدران لساني سياسي انتشار پيدا ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي رهنماءِ حافظ نعيم الرحمان جي پريس ڪانفرنس تي سنڌ حڪومت جي ترجمان بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته حافظ نعيم الرحمان جماعت اسلامي جو ڪارڪن بڻجي بال ناڪري نه ٿئي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته مان پوري اعتماد سان چوان ٿو ته حافظ نعيم الرحمان ڪراچي ۾ دشمني جي ايجنڊا تي اڃي چڪو آهي، جماعت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: ترجمان سنڌ حڪومت مرتضيٰ وهاب (فائيل فوٽو)

سياسي پارٽين وچ ۾ ڳالهين جي نگراني ڪرڻ سپريم ڪورٽ جو ڪم ناهي: شازيه مري

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير ۽ ترجمان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين شازيه مري جوچوڻ آهي ته پيپلز پارٽي جي قيادت سياسي پارٽين وچ ۾ ڳالهين جي حق ۾ آهي. هڪ بيان ۾ شازيه مري چيو ته سياسي پارٽين وچ ۾ ڳالهين جي نگراني ڪرڻ سپريم ڪورٽ جو ڪم ناهي.هن چيو ته عمران احمد نيازي پاڻ قومي اسيمبلي مان ڀڄي ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ملڪ جا دشمن عوام ۽ فوج ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوششن ۾ رڌل آهن: آرمي چيف

اسان جي لاءِ عوام جي حفاظت ۽ سلامتي کان وڌيڪ مقدس ڪا به شيءِ اهم نه آهي، پاڪ فوج جي ٻطرفي رشتي کي قائم ۽ دائم رکيو ويندو: جنرل عاصم منير

اسان جي پهرين ۽ اهم ذميواري رياست سان وفاداري ۽ هٿياربند فوجين جي آئين سان وابستگي آهي. ڪو به فرض ملڪ جي تحفظ کان وڌيڪ اهم نه آهي

اسان پاڙيسرين سميت سمورن ملڪن سان امن ۽ دوستاڻا لاڳاپا چاهيون ٿا، اسان جي امن واري خواهش کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي

فوج ملڪ جي دفاع لاءِ هر وقت تيار آهي، پاڪستان جون هٿياربند فوجون ڪنهن جي به عددي اڪثريت جي رعب ۾ اچڻ واريون نه آهن

اسان کي پنهنجن ظاهر ۽ لڪيل دشمنن کي سڃاڻڻو پوندو. ڪشميرين جي حق خود اراديت واري جاکوڙ جي حمايت جاري رهندي

افغانستان ۾ استحڪام اسان جي سلامتي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو، اسان پنهنجي ڪشميري ڀائرن جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکنداسين.

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته دشمن عوام ۽ فوج ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوششن ۾ رڌل آهن. سيني کان اهم ذميواري رياست سان وفاداري ۽ پاڪ فوج کي سونپيل آئيني ڪردار سان وابستگي آهي. اسان جي لاءِ عوام جي حفاظت ۽ سلامتي کان وڌيڪ مقدس ڪا به شيءِ اهم نه آهي. پاڪ فوج جي ٻطرفي رشتي کي قائم ۽ دائم رکيو ويندو. آرمي چيف عاصم منير ڪاڪول/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ جي مبينه آڊيو ليڪ سامهون اچي وئي

آڊيو ۾ نجم ثاقب کي پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ هولڊر ابوذر چڍڙ سان ٽڪيٽن جي ورهاست جي معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌي سگهجي ٿو

مبينه آڊيو ۾ ٽڪيٽ هولڊرز 137 ابوذر چڍڙ سان ڪال تي پهرين سلام ڪندو آهي ۽ نجم ثاقب ٻارن (جي) چوڻ تي ابوذر چوي ٿو ته اوهان جي ڪوشش رنگ لاتو آهي

بس اوهان بابا سان ملڻ اچي وڃو، ٿورو ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه نه آهي (نجم ثاقب) جي سر ظاهر آهي، اها ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا آهيو: نجم ثاقب

بابا 11 وڳي تائين آفيس اچي ويندو ان سان ملڻ اچي وڃجو. بس، بابا اوهان جي لاءِ تمام گهڻي محنت ڪئي آهي: نجم ثاقب

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ جي مبينه آڊيو سوشل ميڊيا تي ليڪ ٿي وئي آهي. ثاقب نثار جي پٽ ثاقب جي پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جي ٽڪيٽ هولڊر سان ڳالهه ٻولهه جي مبينه آڊيو سامهون اچي وئي آهي. آڊيو ۾ نجم ثاقب کي پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ هولڊر ابوذر چڍڙ سان ٽڪيٽن جي ورهاست جي معاملي تي ڳالهه ٻولهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جو پٽ نجم ثاقب ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ ابوذر (فائيل فوٽو)

پرويز الاهي گهر ۾ پوليس آپريشن خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطي جو فيصلو ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي پنهنجي گهر ۾ پوليس آپريشن خلاف عدالت سان رابطي جو فيصلو ڪري ورتو پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي وڪيل اڄ ئي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪندو. ان حوالي سان ايڊووڪيٽ عامر سعيد چيو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ مان ضمانت جي باوجود گرفتاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مني لانڊرنگ جو ڊڪليئرڊ شهنشاهه عمران خان پاڻ آهي: شرجيل ميمڻ

پ پ اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جڏهن توهان جي حڪومت ۾ پوليس ايندي هئي ته اسان جا اڳواڻ همت سان گرفتاريون پيش ڪندا هئا

عمران خان گوگي ۽ عثمان بزدار ذريعي بني گالا ۾ اربين رپيا گڏ ڪيا. ان تاريخي ڪرپشن جو حساب اوهان جهڙن ڏاڙيلن کي ڏيڻو پوندو

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تنهنجي چهري تان شرافت ۽ ايمانداري جو نقاب هٽائي ڇڏيو آهي: عمران خان جي ٽوئيٽ تي رد عمل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ عمران خان جي ٽوئيٽ تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جڏهن توهان جي حڪومت ۾ پوليس ايندي هئي ته اسان جا اڳواڻ همت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان کي مڙهيندڙ پاڪستان جا ڏوهاري آهن: مريم نواز

نوازشريف چپ آهي پر رب پاڪ طرفان سندس خلاف سازشون ڪندڙن جو ڳٽ جوڙ روز سامهون اچي رهيو آهي

تاريخ ۾ اهڙو ڏوهه اڄ تائين ڪنهن رياست سان نه ٿيو هوندو: مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر

لاهور (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي پٽ جي مبينه آڊيو ليڪ تي پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينيئر نائب صدر مريم نواز جو رد عمل سامهون اچي ويو آهي. مريم نواز ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته جن جي ريٽائرڊ ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم پاران گرمين ۾ بجلي جي فراهمي لاءِ موثر قدمن جي هدايت

گرمين ۾ بجلي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ اپاءَ وٺو: شهباز شريف

پاور ٽرانسميشن لاءِ نيون ٽرانسميشن لائينن تي هلندڙ ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف گرمين ۾ بجلي جي فراهمي لاءِ موثر قدمن جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پاور ڊويزن وارو وفاقي وزيرانجنيئر خرم دستگير ملاقات ڪري رهيو آهي

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي تي دهشتگردي جو ڪيس داخل

غالب مارڪيٽ ٿاڻي تي پرويز الاهي سميت 50 ماڻهن خلاف دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

اينٽي ڪرپشن آفيسر جي مدعيت ۾ داخل ڪيس جي متن مجب چاپو هڻندڙ ٽيم تي سازش جي نيت سان پيٽرول اڇلايو ويو

پٿراءُ ڪيو ويو ان کان علاوه ڏنڊن سان پڻ حملو ڪيو ويو، جڏهن ته پرويز الاهي موقعي تان فرار ٿي ويو

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي صدر ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي خلاف پوليس تي تشدد ۽ حملو ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو. غالب مارڪيٽ ٿاڻي تي پرويز الاهي سميت 50 ماڻهن خلاف دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ دهشتگردي ۽ قتل جي ارادي سميت 13 قلم لڳايا ويا آهن.اينٽي ڪرپشن آفيسر جي مدعيت ۾ داخل ڪيس جي متن مجب چاپو هڻندڙ ٽيم تي سازش جي نيت سان پيٽرول اڇلايو ويو، پٿراءُ ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل بابت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

عدالت سڳوري جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 8 رڪني بينچ 2 مئي تي ٻڌڻي ڪندو

سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار اٽارني جنرل، سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ پاڪستان بار ڪائونسل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

مسلم ليگ(ن) پيپلز پارٽي، تحريڪ انصاف سميت 9 سياسي پارٽين کي به نوٽيس جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل خلاف ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. عدالت سڳوري جو 8 رڪني بينچ 2 مئي تي ٻڌڻي ڪندو.سپريم ڪورٽ ۾ عدالتي اصلاحات جي(سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان جي صدارت ۾ اڄ اجلاس ۾ ڳالهيون جاري رکڻ يا نه رکڻ جو فيصلو ڪنداسين: فواد

جيڪڏهن حڪومتي ڳالهين جي ٽيم يقين ڏيارڻ جي باوجود ماحول بهتر رکڻ ۾ ڪو به ڪردار ادا نٿي ڪري سگهي ته وڏا فيصلا ڪيئن ڪندي؟

پرويز الاهي جي گهر تي ڇاپي مان ثابت ٿئي ٿو ته اسحاق ڊار، سعد رفيق ۽ اعظم نذير تارڙ جي پنهنجي حڪومت ۾ ڪا به حيثيت نه آهي

علي امين گنڊاپور کي ضمانت ملڻ باوجود حبس بيجا ۾ رکڻ ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جون گرفتاريون ڳالهين جي عمل کي بي معنيٰ بڻائي رهيون آهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڳالهين تي سوال اٿاري ڇڏيو فواد چوڌري ٽوئيٽ ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12 سينئر اڳواڻ فواد چوڌري حڪومت سان جاري

تحريڪ انصاف جي سينئر اڳواڻ فواد چوڌري

لانگ مارچ پيچ ڊاهه ڪيس: عمران خان 30 مئي تي ذاتي حيثيت ۾ عدالت طلب

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس اسلام آباد ۾ عمران خان خلاف لانگ مارچ ۾ پيچ ڊاهه واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ٻڌڻي دوران پوليس طرفان عدالت کي نوٽيس جي تعميل بابت آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت لانگ مارچ دوران پيچ ڊاهه جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي 30 مئي تي ذاتي حيثيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستان ۾ تيز برساتن جو خطرو آهي: شيري رحمان

پاڪستان گلوبل انفارميشن اينڊ ارلي وارننگ سسٽم جي رپورٽ ۾ شامل آهي

اسان گذريل سال جي برساتن ۽ ٻوڏ جي تباهي کانپوءِ بحالي واري مرحلي ۾ آهيون

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پاڪستان انهن 20 ملڪن ۾ شامل آهي جن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

ياءِ مون کي اسان جي ڏاڏي جو امام ضامن ٻڌو، شادي تي مبارڪباد ڏيندڙن جي ٿورائتي آهيان: فاطمه ڀٽو

اسان جي نڪاح جي تقريب منهنجي ڏاڏي جي لائبريري ۾ ٿي جيڪو دنيا ۾ منهنجو سڀني کان وڌيڪ پسنديده هنڌ آهي

اسان جي پنيان منهنجي ڦڦي، چاچي ۽ منهنجي والد جون نئنڍپڻ جون تصويرون هيون

اسان شادي جي شاندار تقريب نٿي چاهي ڇو ته مون کي لگزري شادي جي تقريب پسند نه هئي

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پيپلز پارٽي جي باني ذوالفقار علي ڀٽو جي پوٽي ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي فاطمه ڀٽو شادي تي مبارڪباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي فاطمه ڀٽو شادي جي موقعي تي وٺل آهي

مڙس پاران پارلر وڃڻ کان روڪڻ تي زال آپگهات ڪري ڇڏيو

واقعو مڌيا پرديش رياست جي علائقي ۾ پيش آيو

31 ورهين جي عورت گهر ۾ ئي ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آندو: پوليس

ممبئي (م ڊ) ڀارت ۾ مڙس طرفان بيوٽي پارلر وڃڻ جي اجازت نه ملڻ تي زال آپگهات ڪري ڇڏيو. ڀارتي ميڊيا رپورٽن موجب اهو واقعو مڌيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

خيرات نه پيا گهرون ڪراچي کي حق ڏيو: حافظ نعيم

هن وقت پاڪستان ۾ ستين مردم شماري جو عمل جاري آهي

آبادي گهٽائڻ جي ڪوشش اڃا به جاري آهي، 2017 ع جي آدمشماري جي منظوري غيرقانوني ۽ ڪراچي سان زيادتي آهي

ڪراچي ۾ آدمشماري 5 سيڪڙو، لاڙڪاڻي ۾ 27 سيڪڙو ۽ حيدرآباد ۾ 15 سيڪڙو وڌي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته اسان ڪنهن کان خيرات نٿا گهرون، ڪراچي کي ڪراچي جو حق ڏيو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته هن وقت پاڪستان ۾ ستين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڀيءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڏيءُ پاران درخواست داخل

ڪراچي (رپورٽر) سوشل ميڊيا ايپ جي ذريعي ڀيءَ جي قتل ڪندڙ جوابدارجي تلاش واري ڪيس ۾ ڏيءُ ماهر امجد جوابدار جي گرفتاري لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار ماهر امجد موقف اختيار ڪندي چيو ته ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سائوٿ 2010 ع ۾ جوابدار سيد تقي حيدر شاهه کي اشتهاري قرار ڏنو هو. پوليس گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مير منظور پنهور جي ڀن پٽن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

عدالت منظور پنهور جي ٻن پٽن اورنگزيب خان ۽ سليمان پنهور سميت 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

عدالت مان انصاف مليو، بنگلي تي قبضي ۽ ڀڃ ڊاهه جو ڪيس داخل ڪرائيندس: شجاع الله پنهور

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد جي عدالت ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شجاع الله پنهور جي بنگلي تي قبضي بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران مير منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پرويز الاهي جي گهر تي پوليس آپريشن جي مذمت

پوليس پاران بادي آرمر جو استعمال سمجهه کان ٻاهر آهي: سراج الحق

جيڪڏهن ڪرپشن جا الزام آهن ته سڀني خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي

لاهور (م ڊ) امير جماعت اسلامي سراج الحق چيو آهي ته رات جي اونداهي ۾ پرويز الاهي جي گهر تي چادر ۽ چار ديواريءَ جو تقدس پامال ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا. پنهنجي هڪ بيان ۾ سراج الحق چيو ته پوليس پاران بادي آرمر جو استعمال سمجهه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: اڳوڻو ناڻي وارو وزير مفتاح اسماعيل سيمينار دوران ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻو ۾ پلاٽ جي تڪرار تان 6 ٻارن جي ماءُ گولين هڻي قتل

نور ڪالوني ۾ هٿياربندن گهر گهڙي فائرنگ ڪري سردار خاتون زال ديگاڻو خان عمراڻي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس اطلاع تي پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڪٺائي چانڊڪا اسپتال جي مارچري آندو

هٿياربند لياقت عمراڻي، گلاب عمراڻي گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪري امڙ کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي: پٽ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي ڪنگا ٿاڻي جي حد ۾ نور ڪالوني ۾ هٿياربندن گهر گهڙي فائرنگ ڪري 6 ٻارن جي ماءُ سردار خاتون زال ديگاڻو خان عمراڻي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس اطلاع تي پهچي لاش پرست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪورونا دوران گريڊ 17 ۾ ڀرتي ڪرڻ واري ڊاڪٽرن جي پڪو ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شفيع صديقي تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪورونا جي دوران گريڊ 17 ۾ ڀرتي ڪرڻ واري ڊاڪٽرن جي پڪو ڪرڻ واري درخواست تي ابتدائي ٻڌڻي ۾ رد ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذارن ڊاڪٽر ڪلثوم ڪورٽ سميت ٻين موقف اختيار ڪيو ته صحت کاتو ڪورونا ۾ گريڊ 17 ۾ ڀرتي ڪيو ۽ پڪو نه ڪيو آهي. عدالت کان درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاڙڪاڻو: پلاٽ جي تڪرار تان قتل ٿي ويل عورت جي لاش مٿان وارث ويٺل آهن

پرويز الاهي جي گهر ۾ فاشزم ۽ وحشت جو مظاهرو ڪيو ويو: حليم عادل شيخ

اهو هن بي شرم ۽ بي ايمان درآمدي حڪومت جي اونداهي دور ۾ ئي ممڪن آهي

زمان پارڪ کان چوڌري ظهور الاهي روڊ تائين جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي نه وساري سگهجي ٿو ۽ نه ئي معاف ڪري سگهجي ٿو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چوڌري پرويز الاهي جي گهر ۾ جنهن فاشزم ۽ وحشت جو مظاهرو ڪيو ويو آهي. اهو هن بي شرم ۽ بي ايمان درآمدي حڪومت جي اونداهي دور ۾ ئي ممڪن آهي. زمان پارڪ کان چوڌري ظهور الاهي روڊ تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪتن جي حملي ۾ زخمي ٿيل پٽ جي تڪليف ڏسي پيءُ دم ڏئي ڇڏيو

جوڻيجا ڪالوني ۾ ڪتن جي ڏاڙهيل زخمي نينگر جي والد صدمي ۾ دم ڏنو

6 ورهين جي اسد، 5 ورهين جي مسينا ڏيءُ قاسم پناهڻ ۽ 4 ورهين جي مروا پناهڻ کي ڪتن ڏاڙهيو هو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ گذريل ڏينهن ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب زخمي ٿيل 3 ٻارڙن مان هڪ جي پيءُ صدمي ۾ دم ڏئي ڇڏيو. آهيجوڻيجا ڪالوني ۾ ڪتن جي ڏاڙهيل زخمي نينگر جي والد صدمي ۾ دم ڏنو، جنهن جو مڙهه اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان ۽ يو اي اي پاران فوڊ سيڪيورٽي بابت ڳالهيون

وزيراعظم جي خاص مددگار فهد هارون گڏيل عرب امارات جي قونصل جنرل بخيت الرميثي سان ملاقات ڪئي

پاڪستان ۾ خوراڪ جي کمي جي پورو ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل فوڊ پروگرام تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعظم جي پبلڪ ڪميونيڪيشن اينڊ ڊجيٽل پليٽ فارم لاءِ خاص مددگار فهد هارون گڏيل عرب امارات جي قونصل جنرل بخيت الرميثي سان ملاقات ڪئي. ٻنهي فوڊ سيڪيورٽي ۽ موسمياتي تبديلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: وزيراعظم جو خاص مددگار فهد هارون گڏيل عرب امارات جي قونصل جنرل بخيت الرميثي سان بيٺل آهي

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جون ڪوششون رنگ لاتو، خنجراب بارڊر تي واپار بحال ٿي ويو

بلاول خنجراب بارڊر تي سڄي سال واپار جاري رکڻ جي چيني حڪومت جي مطالبي جي منظوري ڏئي ڇڏي

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب سفارتڪاري سبب چين به مختلف برآمدي شين تي پابنديون هٽائي ڇڏيون

خنجراب بارڊر تان واپار جي بحالي ۽ ان جو سڄو سال جاري رهڻ سان ملڪ جي مجموعي معيشت تي مثبت اثر پوندا: امجد ايڊووڪيٽ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جون ڪوششون رنگ لاتو، خنجراب بارڊر تي واپار بحال ٿي ويو. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گورننس ۾ ڀارت ۽ بنگلاديش کان به پوئتي آهيون، هاڻي دنيا اوهان کي پئسا ڏيڻ لاءِ تيار ناهي: مفتاح اسماعيل

پاڪستان ۾ گورننس جو نظام خراب ۽ فرسوده ٿي ويو آهي، پاڪستاني حڪومت کي 6 هزار ارب رپيا سود ادا ڪرڻا آهن

20 کان 25 ارب ڊالر واپس ڪرڻا آهن هن سال 800 هزار رپيا بجيٽ خسارو آهي اڳوڻي ناڻي واري وزير چيو ته هڪ کان قرض وٺون ٿا ۽ ٻئي کي ڏيون ٿا

هلندڙ سال بجيٽ خسارو 1000 ارب رپيا ٿي ويو آهي. نظام کي تبديل ڪرڻ کانسواءِ اڳتي نه ٿا وڌي سگهون: سيمينار کي خطاب

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته گورننس ۾ ڀارت ۽ بنگلاديش کان به پوئتي آهيون، هاڻي دنيا اوهان کي پئسا ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. اوهان کي ڪنهن

روسي ميزائل حملن ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا ڪيترائي زخمي، يوڪرين جي دعويٰ

ڪيف (م ڊ) روس طرفان يوڪرين ۾ ميزائل حملن جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا. يوڪرين اختيارين دعويٰ ڪئي آهي ته روس رات دير سان راڄڌاني ڪيف، وچين ۽ ڏکڻ ريجن ۾ ميزائل حملا ڪيا آهن. ميزائل حملن ۾ 5 ڄڻا مارجي ۽ ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي جي مقامي عدالت پاران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 32 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) مقامي عدالت ۾ ڌڪيتي جي دوران شهري کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ کان پوءِ عدالت جوابدار عدنان کي مجموعي طور تي 32 سال جي قيد ۽ 30 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي. جوابدار هوٽل جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

گئس ميٽرن جي ماهوار ڪرائي ۾ واڌ قبول ناهي: امتياز شيخ

اوگرا ۾ ويٺل بابن جي من ماني ناقابل برداشت ٿي وئي آهي

سنڌ حڪومت ان فيصلي خلاف وفاق کي پنهنجا تحفظات کان آگاهه ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي توانائي واري وزير امتياز شيخ گئس ميٽرن جي اڳهن ۾ واڌ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. توانائي واري صوبائي وزير گيس ميٽرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پرويز الاهي جي گهر جو دروازو بڪتربند گاڏي سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: اعتزاز احسن

نئين قسم جون روايتون جو پيون وڃون وڃن؟ اهڙين ڪارروائين سان ڪجهه نه ٿيندو

پوليس جي اهڙن قدمن سان وفاق ۽ نگران حڪومت کي نقصان پهچندو

لاهور (م ڊ) سينيئر قانوندان بئريسٽر اعتزاز احسن چيو آهي ته حڪومت ڳالهين مان نڪرڻ چاهي ٿي، اهي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته عدالت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽنڊوباگو ۾ منشيات جي وڪري ۽ بدامني خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج

ڪارڪنن جي وڏي تعداد مرڪزي اڳواڻ ابراهيم هنگورجو، ضلعي اڳواڻ محمد حسين درس پاران ريلي

بلاول پٺاڻ، ڪامريڊ مير اصغر ٽالپر ڪامريڊ اشو لوهاڻو سجاد چانديو ذوالفقار علي چانديو پاران نعريبازي

بدامني ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي، نوجوان نسل منشيات واپرائڻ سبب تباهي طرف وڃي رهيو آهي: اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊوباگو ۾ منشيات جي وڪري ۽ وڌندڙ بدامني ڏينهون ڏينهن چورين جي آزار خلاف قومي عوامي تحريڪ ٽنڊوباگو جي ڪارڪنن جي وڏي تعداد مرڪزي اڳواڻ ابراهيم هنگورجو، ضلعي اڳواڻ محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊوباگو: قومي عوامي تحريڪ پاران وڌندڙ بدامني ۽ منشيات خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين جي مختلف علائقن ۾
تيز هوا سان برسات، گرمي جو
زور ٽٽي ويو، موسم خوشگوار

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر سميت ضلع جي مختلف شهرن ۾ تيز هوا سان صبح 10 وڳي کان تيز برسات شروع ٿي ويئي جيڪا وقفي وقفي سان سڄو ڏينهن جاري رهي برسات جي ڪري شهر جا روڊ رستا پاڻي سان ڀرجي ويا ۽ گرمي جو زور ٽٽڻ کان پوءِ موسم خوشگوار ٿي وئي برسات جي ڪري ڪچن گهرن کي سخت نقصان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سي ٽي ڊي انٽيليجنس حيدرآباد پاران ٽنڊوڄام ۾ ڪارروائي، دهشتگرد گرفتار

مذهبي ڪالعدم تنظيم جي اهم دهشتگرد کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

پوليس اهم دهشتگرد عزيز الله عرف پاجو ولد حبيب الله افغاني پٺاڻ کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوڄام (رپورٽر) سي ٽي ڊي حيدرآباد جي ... ڪريم آباد ڪالوني ۾ غير قانوني طور رهائش ... پٺاڻ جي نالي سان ٿي آهي. سي ٽي ڊي .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن دادو پاران حفاظتي ٽڪن لڳرائڻ بابت جاڳرتا ريلي

عوام کي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ علامه آءِ قاضي پارڪ کان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي

ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه، ڊسٽرڪٽ سرويلنس ڪوآرڊينيٽر دادو ڊاڪٽر اسدالله شاهه شريڪ ٿيا

مختلف اين جي اوز ڪم ڪن پيون ته ٻار جي جمڻ کان وٺي ٻه سالن تائين بچاءَ جا ٽڪا لڳرائين: عملدار

دادو (رپورٽر) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلعي دادو پاران 24 اپريل کان 30 اپريل تائين عالمي حفاظتي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽي جي هيڊڪوارٽر
مڪلي سميت ٺٽو شهر ۽
پرپاسي ۾ زوردار برسات

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي جي هيڊڪوارٽر مڪلي سميت ٺٽو شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ زوردار برسات سبب ٺٽي شهر جي مختلف علائقن اسلامپور محلو - آگر محلو - بخاري محلو - ٺٽي جي شاهي بازار سميت شهر جا مختلف علائقا برساتي پاڻي سميت گٽر جي پاڻي هيٺ اچي ويا جڏهن ته هميشا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران نڪتل ريلي جو ڏيک

بدين ۾ مبينا زهريلو ڪارو پٽر پي خودڪشي ڪندڙ نرس وارو معاملو، وارثن جو احتجاج

مولابخش خاصخيلي تي زال شمشاد عرف شمع خاصخيلي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل

شمشاد شمع جي پوسٽ مارٽم رپورٽ بدلائي ويئي ۽ جوابدار کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي: ٻاءُ

برادري ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ ساڄاهه وند ماڻهن کي ڀرپور احتجاج ڪرڻ جو سڏ ڏينداسين

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) چار ڏينهن اڳ مبينا زهريلو ڪارو پٽر پي خودڪشي ڪندڙ نرس شمشاد عرف شمع خاصخيلي وارو معاملو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي سندس مڙس مولابخش خاصخيلي تي زال شمشاد عرف شمع خاصخيلي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل سياسي پڻپرائي سبب شمشاد شمع جي پوسٽ مارٽم رپورٽ بدلائي ويئي ۽ جوابدار کي گرفتار نٿو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ ۾ ٿي، امر رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو عدالت پهتا

جوابدار اڳوڻو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو، مرتضيٰ، سڪندر، علي گوهر، ذوالفقار چانڊيو پيش

الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو جي ڌر جي وڪيل اطهر عباس آڏي پڇا ڪئي

دادو (رپورٽر) دادو امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ ۾ ٿي، امر رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو عدالت پهتا. الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ملير جي علائقي گهگهر ۾
مسجد جي واش روم ۾ نوجوان
پراسرار طور فوت ٿي ويو

ملير (رپورٽر) ملير جي علائقي گهگهر ۾ مسجد جي واش روم ۾ نوجوان پراسرار طور فوت ٿي ويو ڪينجهر ڊنڊ لڳ ٺٽي ضلعي جو رهواسي محمد امين چنڊاٽي ملاح ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو جيئن ئي واش روم ويو ته ٻن ڪلاڪن تائين ٻاهر نه آيو علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪرڻ بعد دروازو کوليو ته همراه فوت ٿي چڪو هو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو: امر رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ٺٽي جي مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ پاران سرڪاري عمارت تي قبضي خلاف احتجاج

شاهي بازار واري علائقي چانڊني چوڪ ۾ سرڪاري عمارت تي قبضي خلاف مظاهرو

سرڪار پاران بلڊنگ کي ڀارو مددگار ڇڏي ڏيڻ ڪانپوءِ ڪجهه ماڻهو قبضو ڪري رهيا آهن

سرڪاري ملڪيت جيڪا هڪ اثاثو آهي، ڪجهه ماڻهن هٿان قبضو ڪيو پيو وڃي: سيد جاويد شاهه

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي تاليواري مذهبي _ سماجي ۽ سياسي شخصيت سيد جاويد شاهه حسيني صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٺٽي جي شاهي بازار واري علائقي چانڊني چوڪ ۾ هڪ سرڪاري عمارت جيڪا ٺٽي جي ميونسپل ڪميٽي جي ملڪيت آهي، جنهن ۾ نيشنل بئنڪ ڪافي عرصي کان ڪم ڪري رهي هئي پاران خالي ڪرڻ ڪانپوءِ خالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ملير جي گڏاپ ٽائون ۾ صوبائي وزير پاران کلي ڪچهري، رهواسين پاران مسئلن جا انبار

ملير جي گڏاپ ٽائون جي ساتل ڳوٺ موکي ۾ کلي ڪچهري، ڳوٺاڻن مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا

ڪنهن به ڳوٺ ۾ بنيادي مسئلن جي کوٽ نه آهي، مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪبي: ساجد جوکيو

ڪچهري نه ٿيندي تيستائين مسئلا حل نه ٿيندا نٿو چوان ته توهان جا 50 مسئلا آهن ۽ 50 مسئلائي حل ٿيندا

ملير (رپورٽر) ملير جي گڏاپ ٽائون ۾ صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو ۽ ڊي سي ملير عرفان سلام ميراڻي جي ملير جي گڏاپ ٽائون جي ساتل ڳوٺ موکي ۾ کلي ڪچهري، ڳوٺاڻن مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا، ملير ۾ پيپلز پارٽي جي دور ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. ملير جي ڪنهن به ڳوٺ ۾ بنيادي مسئلن جي کوٽ نه آهي، ملير ۾ تعليم ۽ صحت جي بهتري لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ميرپور ماٿيلو جي بينظير
ڪالوني جي نينگري اغوا بعد
مبينا اجتماعي زيادتي جو شڪار

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ميرپور ماٿيلو جي بينظير ڪالوني جي رهواسڻ نينگري اغوا بعد سندس سان اجتماعي زيادتي. جوابدار نينگري کي بيهوشي واري حالت ۾ ڦٽو ڪري فرار ٿي ويا. نينگري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل، جوابدار مٿان اين سي داخل. پاڙي ۾ رهندڙ جوابدارن سليم، عمران ڳبول رات دير سان نينگري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ملير: صوبائي وزير ساجد جوکيو ۽ ڊي سي عرفان سلام ميراڻي کليل ڪچهري ۾ ويٺل آهن

انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي پاران شيخ اياز صدي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان

ڪانفرنس ۾ ملڪ جي نالي وارن دانشورن کي شريڪ ڪرائڻ لاءِ رابطا جاري ڪيا ويا آهن

ترقي پسند ۽ روشن خيال دانشور شيخ اياز جي فن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ مقالا پيش ڪندا

شيخ اياز شاعري ۾ نوان ٽرينڊ متعارف ڪرايا. اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) انجمن ترقي پسند مصنفين ڪراچي پاران 28 مئي تي شيخ اياز صدي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان. ڪانفرنس ۾ ملڪ جي نالي وارن دانشورن کي شريڪ ڪرائڻ لاءِ رابطا جاري. شيخ اياز 20هين سنڌي شاعري ۾ نوان ٽرينڊ متعارف ڪرايا، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو ڊاڪٽر جعفر / پروفيسر شاهد ڪمال انجمن ترقي پسند مصنفن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊوباگو ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ مقرر نه ٿيڻ سبب معاملا رڪيل

ڪورٽ ۾ جج مقرر نه ٿيڻ ڪري گذريل هڪ سال کان سول جج جي پوسٽ خالي پيل آهي

هلندڙ ڪيسن ۾ گهربل جوابدار ۽ فريادي ڳرا پاڙا ڀري بدين وڃن ٿا، نوٽيس وٺڻ جي گهر

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ جج مقرر نه ٿيڻ ڪري گذريل هڪ سال کان سول جج جي پوسٽ خالي پيل آهي. جنهن ڪري هلندڙ ڪيسن ۾ گهربل جوابدار ۽ فريادي ڳرا پاڙا ڀري بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ بدامني ۾ واڌ اچي وئي، ڌوهاري سرگرم ٿي ويا، اختياريون خاموش

نامعلوم هٿياربند ڦورو ڏينهن ڏٺي واسٽي جي رهواسي وحيد ميمڻ کان موٽر سائيڪل ڦر

ايس ايڇ او کي هٽائي ڪو ايماندار آفيسر مقرر ڪري شهر جو امن امان بحال ڪرايو وڃي: شهري

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) بدامني ۾ واڌ اچي وئي ڌوهاري سرگرم ٿي ويا پوليس ڌوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون ٿاڻي جي حد ۾ چاناري مان ڏينهن ڏٺي نامعلوم هٿياربند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: شهري کان ڦر واقعي کانپوءِ شهري ٿاڻي ٻاهران ٻيٺل آهن

ڪشمور ۾ عرفان احمد سمون جي مقرري بعد بدامني تي ضابطو نه آيو

شبيراحمد سينار جي اچانڪ موڪل ڪرڻ بابت سوشل ميڊيا تي رايا ملڻ لڳا

ڪشمور اندر سياسي مداخلت من پسند ڪاروايون ڪرائڻ ۽ ڌوهارين کي پتوڙيارڻ جا الزام

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ايس ايس پي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند ۾ بدايو پرسان مبينا ڪرنٽ لڳڻ سبب ناري فوت، گهر ۾ ڪهرام

غريب آباد ۾ پاڻي جي موٽر مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ناري سليمت در ٿي

واقعي بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو وارثن سان ساڄاهه وندن تعزيت جو سلسلو هلندڙ

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) بدايو پرسان ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي پوٽي فاطمه ڀٽو شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي وئي

بيبي فاطمه ڀٽو آمريڪي نوجوان گراهم جبران سان شادي ڪري ڇڏي، مختصر تقريب ٿي

ڪراچيءَ ۾ نڪاح جي تقريب. ذوالفقار جونيئر جي سوشل ميڊيا ذريعي تصديق ڪري ڇڏي

ٺٽون ديرو (رپورٽ:شاد محمود ڀٽو) شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي پوٽي شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي، جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ديرو: شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي نياڻي فاطمه ڀٽو جي شادي جون تصويرون

ملير جي علائقي گهگهر ۾ مسجد جي واش روم ۾ نوجوان پراسرار طور فوت ٿي ويو

ٺٽي ضلعي جو رهواسي محمد امين چنڊاٽي ملاح ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو: ذريعا

ميت کي علائقي واسين پاران چندو ڪري اباڻي ڳوٺ گل محمد چنڊاٽي مراد پور نيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي علائقي گهگهر ۾ مسجد جي واش روم ۾ نوجوان پراسرار طور فوت ٿي ويو ڪينجهر ڊنڊ لڳ ٺٽي ضلعي جو رهواسي محمد امين چنڊاٽي ملاح ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو جيئن ئي واش روم ويو ته ٻن ڪلاڪن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميهڙ شهر جي ڳوٺ پاڳوخان جلباڻي جي رهواسڻ ناري پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

پاڳوخان جلباڻي جي رهواسڻ ناري ثمينا ڌيءَ صدورو خان جلباڻي احتجاج ڪيو

مائٽن کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ سان گڏ ڪيسن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: ناري

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ميهڙ شهر جي ڳوٺ پاڳوخان جلباڻي جي رهواسڻ ناري ثمينا ڌيءَ صدورو خان جلباڻي ڳوٺ رانجهو خان شر جي رهواسي نوجوان نور حسين پٽ ڏٽي بخش شر سان نوشهروفيروز جي عدالت سگهوريءَ ۾ پسند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ڊي سي پاران ملير جي ڊائلسز جي مريضن لاءِ تحفو، ڊائلسز سينٽر جو افتتاح

جي ڊي سي جي سربراهه ظفر عباس ۽ نوجوان ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي پاران شرڪت

هيپاٽائيٽس بي ۽ هيپاٽائيٽس سي جي مريضن لاءِ هڪ هڪ بسترو آهي: منتظمين

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) ڊي سي پاران ملير جي ڊائلسز جي مريضن لاءِ تحفو جمشيد رضا ڊائلسز سينٽر جو افتتاح صوبائي وزير ناصر حسين شاهه ظفر عباس سان ڪيو ملير جا غريب مريض پنهنجي مهانگي علاج سبب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانواهڻ ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي چورن جو کليل چئلينج، ٿاڻي جي سامهون چوري

پوليس اسٽيشن جي سامهون دڪاندار تسليم علي ملاح جي ڪرياڻه دڪان مان چوري ٿي

وارادات تي شهري اتحاد خانواهڻ سميت دڪاندارن ۽ رهواسين پاران حيرانگي جو اظهار ڪيو ويو

خانواهڻ (رپور:تعاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي چورن جو کليل چئلينج خانواهڻ پوليس اسٽيشن جي سامهون چوري جي وارادات. خانواهڻ پوليس اسٽيشن جي سامهون دڪاندار تسليم علي ملاح جي ڪرياڻه جي دڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوٺپور ۾ واپارين پاران ڪٽڪ ذخيرو ٿيڻ وارين خبرون هلڻ جون نوٽيس

فوڊ انسپيڪٽر نديم شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مختلف گدامن تي ڇاپا

برج لال، ڪمار ۽ دليپ ڪمار سميت 100 کان وڌيڪ دڪان ۽ گدام سيل ڪري ڇڏيا

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور ۾ واپارين پاران ڪٽڪ ذخيرو ٿيڻ وارين خبرون روزاني سنڌيار ۾ شايع ٿيڻ بعد خوراڪ کاتي جي ٽيم فوڊ انسپيڪٽر نديم شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مختلف گدامن تي ڇاپا هڻي ڪاروايون ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

غوٺپور: خوراڪ کاتي جو عملدار گدام سيل ڪري رهيو آهي

سرحد ۾ مڪاني چونڊن ۾ جوڙ ٽوڙ جو سلسلو جاري، جي ڊي اي جا مقامي اتحادي پ پ ۾ شامل

چيئرمين جي سيٽ تي ٿيندڙ نئين چونڊ جي سلسلي ۾ سياسي ۽ هڪ ٻئي جا اتحادي ٽوڙڻ جو سلسلو به جاري

پ پ پاران چونڊن جي سلسلي ۾ ڪارنر گڏجاڻي ٿي گذري، پ پ تعلقي گهوٽڪي جو صدر مير حمزه خان ۽ ٻيا شريڪ

شهر جي ڀلائي لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻون پوندو ته جيئن هتان جي رهواسين جا مسئلا جلد حل ٿي سگهن: مير حمزه خان

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ مڪاني چونڊن ۾ جوڙ ٽوڙ جو سلسلو جاري، جي ڊي اي جا مقامي اتحادي پ پ ۾ شامل. سرحد جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جا وچن. خبرموجب سرحد جي يوسي عمر ڍهو ته وائيس چيئرمين جي سيٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سرحد: پ پ اڳواڻ حمزه سندراڻي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو ۽ پرپاسي جي علائقن ۾
هڪ ڪلاڪ تائين ريلي برسات
جو وسڪارو جاري رهيو

ٽنڊوباگو (رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ هڪ ڪلاڪ تائين ريلي برسات جو وسڪارو جاري رهيو جنهن ڪري هيٺاهين وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي گڏ ٿي ويو آهي.

❊❊❊❊❊❊❊❊❊

گڊو کي ڪلوڙ پاڙي ۾ سالي هٿان تڪرار تان پيٽيو قتل، علائقي ۾ خوف ۽ هراس

سالي فهد علي پنهجي ڀيڻ جي مڙس عطاء الله ميراڻي کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪيو

ٻاءُ ڪجهه سال اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو ۽ ٻن ڏينهن کان سالو فهد گهر ۾ ترسيل هو: مقتول جو ٻاءُ

ڪشمور (رپورٽر) گڊو کي ڪلوڙ پاڙي ۾ سالي فهد علي پنهجي ڀيڻ جي مڙس عطاء الله ميراڻي کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو. فائر ڪندي ئي فرار ٿي ويو. پاڙي وارن پوليس کي اطلاع ڪيو. خبرموجب: گڊو ٿاڻي جي حد ڪلوڙ پاڙي ۾ صبح سوير جو پنهجي سالي فهد علي کي روڊ تائين ڇڏڻ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ پنهجي سالي پنجاب واسي فهد پستل سان فائر ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏوڪري جي ڏيرا محله ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل ڊرائيور جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

فائرنگ ڪري قتل ڪيل مولا بخش شيخ جي گهرواري حضوران شيخ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

لوڊر رڪشا ڊرائيور کي گولين هڻي قتل ڪيو جنهن جو ڪيس ڏوڪري ٿاڻي تي داخل آهي: مظاهرين

پوليس ڪجهه نه ٿي ڪري آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون ۽ اسان ڪاسوائِ ڪجهه ناهي مليو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري جي ڏيرا محله ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري: ڏيرا محلا رهواسي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو ۽ شيون يوٽيلٽي
اسٽورتان غريبن بدران عام
دڪاندارن کي وڪرو ٿين لڳيون

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: وزيراعظم پاڪستان طرفان مليل سبسڊي ۾ روزمره استعمال ٿيندڙ شيون يوٽيلٽي اسٽور تان غريبن بدران عام دڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون، ميرپور ماٿيلو ۾ يوٽيلٽي اسٽور عوام لاءِ بي لاپ بڻجي ويا، يوٽيلٽي اسٽور پراڻي مارڪيٽ تان گيهه سميت روزمراه جون شيون دڪاندارن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دولت پور جي علي آباد ٿاڻي جي هيڊ ڪانسٽيبل جي زمين تي هٿياربندن قبضو ڪري ورتو

زرعي زمين مٿان ڪورائي برادري جي ماڻهن هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري ورتو آهي: هيڊ ڪانسٽيبل

تعلقي مورو جي ديهه خيرو ديرو ۾ محمد علي لغاري کان پيسن عيوض 11 ايڪڙ ڪجهه ويسا زمين خريد ڪئي هئي

قبضو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري مون کي انصاف ڏيارڻ سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: طالب حسين ڪورائي

دولت پور صفن (رپورٽر) دولت پور جي علي آباد ٿاڻي جي هيڊ ڪانسٽيبل سينيئر پوليس آفيسر طالب حسين ڪورائي جي خريد ڪيل زرعي زمين مٿان ڪورائي برادري جي ماڻهن هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري ورتو ڪنهن به وقت وڏي خونريزي جو انديشو آهي پنهنجي زمين تي برادري جي ماڻهن پاران ڪيل قبضي ۽ مونتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف طالب حسين ڪورائي نيشنل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جسقم ڀريارو جا باندي اڳواڻ 10 سالن بعد جيل مان بري، ڪارڪنن طرفان مبارڪون

اڳواڻ الاهي بخش راڄپر ڪامريڊ غلام مرتضيٰ راڄپر ۽ صادق راڄپر جيل مان آزاد ٿي ويا

پيٽرول پمپ تي ٿيل جهيڙي مارجي ويل عبدالوحيد اعوان جي قتل ڪيس ۾ سزا ڀوڳي رهيا هيا

شاندار استقبال ڪري گلن جي ورڪا ڪئي ان بعد هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ چاهين سليمان روانو ٿي ويو

نوشهروفيروز (ڊ ر) جسقم ڀريارو جا باندي اڳواڻ 10 سالن بعد ڊسٽرڪٽ جيل مان بري ڪارڪنن طرفان مبارڪون خبر موجب جسقم ڀريارو جا اڳواڻ الاهي بخش راڄپر ڪامريڊ غلام مرتضيٰ راڄپر ۽ صادق راڄپر جيل مان آزاد ٿي ويا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڌرا جي ڳوٺ شير محمد
لڳ جوابدارن جي گرفتاري
لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪنڌرا (رپورٽر) ڳوٺ شير محمد لڳ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو عيد رات ملوڪ خروس کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جا جوابدار گرفتار پوليس نه ٿي ڪري اهڙي عمل کان پوءِ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو فريادي سيف الله رستم علي محمد چتل نور محمد ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: 10 سالن بعد جيل مان آزاد ٿيندڙ جسقم اڳواڻن جو گروپ فوٽو

شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سمبا پاڻي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي

ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ سي آئي اي ڊي ايس پي اسلم لانگاهه جي سربراهي ۾ ڇاپو هنيو ويو

لکين روپين جي منشيات هٿ شيخ پرڪيو ٿاڻي تي 8 منشيات فروشن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو

استعمال ٿيندڙ 905 ڪلو گرام مٽريل 2500 تيار ٿيل مين پڙيون برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سمبا پاڻي ۾ نالي واري منشيات فروش نارو ٽاڪر جي اڏي تي آئي جي سنڌ جي هدايت تي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سليم شاهه ۽ سي آئي اي ڊي ايس پي اسلم لانگاهه جي سربراهي ۾ ڇاپو لکين روپين جي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوا شيخ پرڪيو ٿاڻي تي ان ڄڻن تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پنوعاقل ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن پاران نوجوان صحافي تي تشدد، لاڪپ حوالي

زخمي حالت ۾ ٿاڻي اندر اڇلائي ويل صحافي عرفان ڪلهوڙو کي لاڪپ ڪري ڇڏيو

صحافي عرفان ڪلهوڙو کي اغوا ڪرڻ کان پهرين ئي مٿس ايف آئي آر ڪاٽي وئي آهي

صحافي عرفان ڪلهوڙو جي گرفتاري تي سياسي سماجي اڳواڻن جي مذمت، اعليٰ اختيارين کان جاچ جي گهر

سکر (رپورٽر) پنوعاقل ٿاڻي جي لاڪپ ۾ زخمي حالت ۾ پيل هي نوجوان صحافي عرفان ڪلهوڙو آهي جنهن کي اڄ صبح عصر وقت هڪ درجن کان وڌيڪ غنڊن سندس گهر تي حملو ڪري اغوا ڪري ويا. اهڙي واقعي خلاف صحافين پاران پنوعاقل پريس ڪلب جي صدر پريل دايو جي اڳواڻي ۾ پنوعاقل ٿاڻي ٻاهران ڌرڻو هنيو ويو ته ان دوران هٿياربند اغوا ڪيل صحافي عرفان ڪلهوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: صحافي عرفان ڪلهوڙو زخمي حالت ۾ لاڪپ ۾ بند پيل آهي

ٺٽو، مڪلي، چتوچنڊ، چليا،
جهمپير، جنگشاهي ۾ برسات
جو تيز وسڪارو جاري

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽو، مڪلي، چتوچنڊ، چليا، جهمپير، جنگشاهي ۽ ان جي اسپاس برسات جو تيز وسڪارو جاري، موسم خوشگوار ٿي ويئي، برسات پوندي ئي بجلي غائب ٿي ويئي، برسات ساحلي پٽي سميت ڪوهستاني پٽي ۾ به وقفي وقفي سان جاري آهي. ڪوهستاني ۽ ساحلي پٽي جي مختلف علائقن ۾ ڪچا گهر ڊهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽالپروڊا ۽ آسپاس جي علائقي ۾ برسات متاثرن سان ڪلور جاري، شهرين کان اوڳاڙي جاري

برسات بعد ڳوٺ مينگهواڙ محلي واسين کان ڪوٽوار سروي بهاني 200 روپيا گهر اوڳاڙي ڪري ويو

ٽالپروڊا ۽ آسپاس جي علائقي ۾ برسات ڪري متاثر ٿيل ماڻهن سان گهرن جي سروي بهاني ڦرلٽ جاري

برسات متاثر ماڻهو گهرن جي مرمت جا پئسا ملڻ جي آسري ۾ ڪين پئسا ڏيڻ تي مجبور آهن: علائقي واسي

ٽالپروڊا (رپورٽر) ٽالپروڊا ۽ آسپاس جي علائقي ۾ برسات متاثرن سان ڪلور جاري يوسي ٽالپروڊا جي ڳوٺ مينگهواڙ محلي واسين کان ڪوٽوار سروي بهاني 200 روپيا گهر اوڳاڙي ڪري ويو برسات بعد سروي بهاني متاثرن کان مختلف وقتن تي ڦرلٽ جاري خبرموجب ٽالپروڊا ۽ آسپاس جي علائقي ۾ برسات ڪري متاثر ٿيل ماڻهن سان گهرن جي سروي بهاني ڦرلٽ جاري آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي❊❊

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 30 اپريل 2023ع

وڏندڙ ڌاڙيل ڪلچر جي خاتمي لاءِ بروقت ڪارروائي جي ضرورت

ڌاڙيلن هڪ ڀيرو ٻيهر اترين ضلعن ۾ رڻ ٻاري ڏنو آهي. روزانو جي بنياد تي عام ماڻهن جي اغوا ۽ ڦرن جي وڌندڙ وارداتن انهن علائقن ۾ خوف واري ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري رواجي زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي. جمعي واري ڏينهن پني عاقل شهر مان نالي واري اديب پريل ڏايو کي سندس پٽ سميت ڌاڙيل کڻي ويا. ان کان هڪ ڏينهن اڳ ڪنڌڪوٽ مان بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ٻن پورهيتن کي اغوا ڪيو ويو. جنهن سان هن وقت تائين لڳ ڀڳ ٻن درجن کان وڌيڪ ماڻهو ڌاڙيلن وٽ مغوي بڻيل آهن.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن هلندڙ آهي. پر ڌاڙيلن پڻ حڪومت جي اهڙي ڪارروائي بعد وارداتون تيز ڪري ڇڏيون آهن. ٿي سگهي ٿو ته حڪومت کي ڪا جوڳي ڪاميابي ملي هجي پر هن وقت ته ڌاڙيل ڏڙا ڏڙ ماڻهو اغوا ڪري رهيا آهن. جنهن سان سنڌ جي مٿين ضلعن ۾ وينتر خوف وڌي ويو آهي.

آپريشن گهوٽڪي، ڪشمور ۽ ڪچي جي انهن علائقن ۾ ٿي رهيو آهي جنهن اهو سمجهيو پيو وڃي ته ڌاڙيلن جون پناهه گاهون آهن. ڌاڙيل ان جي بدلي ۾ وارداتون وڌائي ڇڏيون آهن. جنهن سان ته لڳي ٿو جهڙوڪر ڌاڙيلن حڪومت ۽ پوليس کي چيلينج ڏئي رهيا آهن ڇاڪاڻ جو هن وقت ته ڏينهن جي روشني ۾ ماڻهن کي اغوا ڪرڻ وارا واقعا معمول بڻجي ويا آهن.

ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ته ڌاڙيل راڄ قائم ٿي ويو آهي. بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ممتاز محلي واسي پورهيت پائر عبدالصمد ملڪ ۽ شهباز ملڪ کي ٿمبرائي لاڙو وٽان اغوا ڪيو ويو. ٻئي مغوي هوٽل تان پورهيو ڪري گهر اچي رهيا هيا ته اغوا ٿي ويا. ٻنهي مغوين جي وارثن اهڙي تصديق ڪري ڇڏي آهي. وارثن جو چوڻ هو ته اغوا جو اطلاع بي سيڪشن پوليس کي ڏنو ويو آهي. ضلعي اندر 2 ڏينهن دوران 9 شهري اغوا ٿي چڪا آهن ضلعي ۾ اغوا ٿيلن جو انگ 25 ٿي ويو آهي.

ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعو بدامني سبب ٻري پيو آهي. خير شاهه روڊ تي ڦر دوران مزاحمت تي پورهيت کي هٿياربندن زخمي ڪري فرار ٿي ويا. ضلعي ۾ بدامني جي پڙڪيل باهه سبب شهري خوف ۾ مبتلا آهن. شهرين موجب ضلعي ۾ بدامني جي باهه پويان ڪي ٻيا ماسٽرمائينڊ آهن جيڪي ڪشمور ڪنڌڪوٽ اندر بدامني ڪرائي رهيا آهن. ڇاڪاڻ جو سڄي سنڌ ۾ پروفيسر اجمل ساوند جي قتل ٿيڻ بعد بدامني خلاف مهم شروع ٿي هئي. جنهن سان بدامني پکيڙيندڙن کي خوف ٿي پيو هو شهرين جو اهو به چوڻ آهي ته اجمل ساوند جي معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ ضلعي ۾ هٿ وٺي بدامني جي باهه ٻاري وئي آهي. جنهن جو شايد هڪڙو سبب اجمل ساوند جي قتل تان ڌيان هٽرائڻ پڻ آهي. شهرين موجب بدامني پويان جيڪي به سازشي هٿ ملوث آهن انهن کي وائکو ڪيو وڃي.

ٻئي پاسي ڌاڙيلن جي اهڙين وارداتن جي ڪري گهوٽڪي، سکر، خيرپور، ڪنڌڪوٽ ڪشمور ۽ ٻين علائقن ۾ رواجي ڪاروبار متاثر ٿي رهيو آهي. سنڌ حڪومت يقينن ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪري اهم ڪم ڪري رهي آهي. پر جيستائين بدامني جي سببن جو چيد ڪري اهي ختم نٿا ڪيا وڃن ته ڌاڙيلن جي پاڙ پٽڻ ممڪن نه هوندو.

سڄي سنڌ ۾ هن وقت بدامني جي باهه ٻري رهي آهي. جنهن سان سماج تي منفي اثر پئجي رهيا آهن سڀ کان اول ماڻهن جي لاءِ امن امان جي حالت هوندي آهي جيڪڏهن اها بهتر نه ٿي ته ماڻهو ڪو به ڪم ڪرڻ جي قابل نٿا رهن.

هن کان اڳ ڌاڙيلن خلاف هر دور ۾ حڪومت پاران ڪارروايون ٿينديون رهيون آهن. پر ان جي پاڙ پٽجي نه سگهي آهي. جيڪڏهن سنڌ جي هن اهم معاملي تي سياسي، سماجي ڌرين سان گڏجي حڪومت ڪو عمل جوڳو پروگرام جوڙي ته ان جا وڌيڪ بهتر نتيجا نڪري سگهن ٿا. سنڌ جي هڪ وڏي سياسي سماجي حلقي جو خيال آهي ته انهن ڌاڙيلن ۽ وڌندڙ بدامني جي پويان علائقي جي سردارن سان گڏ خود قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪردار کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ جو جن ضلعن ۾ سردارن جو اثر آهي اتي قبائلي دشمنيون پڻ هونديون آهن. ان بنياد تي هڪڙي ڌر ٻي جي مقابلي ۾ هٿيار رکڻ لازمي سمجهندي آهي. اهڙي ريت انهن جي تڪرار سان امن امان جي حالت خراب ٿي ويندي آهي.

هن وقت جيڪا حالت آهي اها وقت جي حڪومت ۽ لاڳاپيل ضلعي پوليس ۽ انتظاميه جي لاءِ فڪر جي ڳالهه آهي. جيڪڏهن عوام کي امن نه ڏئي سگهبو ته پوءِ باقي ڪو به معاملو بهتر نموني هلي نه سگهندو. اتڪري امن جي قيام تي ڪنهن به سمجهوتي ڪانسواءِ اهو قائم ڪرڻ وقت جي سرڪار جو فرض آهي.

ڪجهه ڏينهن اڳ عدالت ۾ جج هڪ سماعت دوران رمارڪس ڏنا هئا ته جيڪڏهن ڪجهه سردارن کي سوگهو ڪيو وڃي ته ڌاڙيلن جي معاملي کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. حڪومت کي گهرجي ته ڌاڙيلن خلاف جاري آپريشن بابت روزاني جي بنياد تي عوام کي آگاهي ڏني وڃي جئين ماڻهن ۾ پيدا ٿيل ڊپ ختم ٿي سگهي گڏوگڏ حڪومت جي ڪارروائين بابت پڻ معلومات سامهون اچي سگهي جنهن سان خبر پئي ته ڪٿي ڪهڙي صورتحال آهي.

ڌاڙيلن بابت جڏهن به ڪي آپريشن شروع ٿيا آهن ته هڪڙي عجيب ڳالهه ڪنهن نه ڪنهن پوليس عملدار کان ٻڌڻ جي لاءِ ملندي آهي ته ڌاڙيلن وٽ پوليس جي مقابلي ۾ جديد هٿيار آهن. ڇا اهو ممڪن نه آهي ته ان ڳالهه جي جاچ ڪرائجي ته آخر اهي هٿيار انهن ڌاڙيلن وٽ ڪٿان پهچن ٿا. جيڪڏهن ڌاڙيلن جي وائرل ٿيل وڊيوز تي اعتبار ڪبو ته پوءِ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي شڪ وڌيڪ پيدا ٿين ٿا ان ڪري اهو ڪم سرڪار پنهنجي هٿ ۾ کڻي ۽ ڌاڙيلن جي ڪيل پروپيگنڊا کي رد ڪندي ان ڳالهه جي جاچ ڪرائي وڃي ته ان عمل ۾ ڪنهن جو هٿ آهي.

اسان سمجهون ٿا ته هي انتهائي نازڪ صورتحال آهي. جنهن بابت بروقت ڪارروائي عمل ۾ آڻيندي قانون جي رٽ قائم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ خوف جي اهڙي ڪيفيت مان حڪومت مخالفن کي فائدو ٿيندو جنهن جو سموري معاشي تي منفي اثر پوندو.

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجھ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙهِ اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

فاطمه ڀٽو، ڪابل کان ڪنوار تائين

ذوالفقار قادري

آخر مير مرتضيٰ ڀٽو شهيد جي 41 سالن جي نياڻي فاطمه ڀٽو پنهنجي آمريڪي نژاد دوست گراهم جنهن جو مسلم نالو جبران آهي سان شادي جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي پنهنجي زندگي جي نئين سفر جو آغاز ڪيو آهي مون زندگي ۾ پهريون دفعو فاطمه ڀٽو کي 5 جنوري 1989 ع تي المرتضيٰ هاؤس لاڙڪاڻي ۾ ڏٺو هو جڏهن هي ستن سالن جي هئي ۽ سندس ڦپي بينظير ڀٽو صاحب ملڪ جي وزيراعظم بڻيل هئي ان ڏينهن هن جي ڏاڏي ذوالفقار علي ڀٽو جي سالگره جو ڏينهن هو سندس ڦپي بينظير ڀٽو اهو سالگره جو ڪيڪ پنهنجي ڀائٽي فاطمه ڀٽو کان ڪٽرايو هو سائنس گڏ سندن ڏاڏي نصرت ڀٽو به بيٺل هئي انهن ڏينهن ۾ بلاول اڃا ڇئن مهينن جو هو ۽ ڪيس فلپائني نوڪرياڻي هنج تي کنيو بيٺي هئي فاطمه ڀٽو جو پيءُ مير مرتضيٰ ڀٽو انهن ڏينهن ۾ شام جي گادي واري هنڌ دمشق ۾ جلاوطني جا ڏينهن گهاري رهيو هو مير مرتضيٰ ڀٽو جي زندگي المين ڏکن دردن سان ڀريل رهي آهي انهن ڏينهن ۾ فاطمه ڀٽو جو پيءُ مير مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان سرڪار جو گهربل ترين شخص هو ۽ سندس ڪو مستقل ٺڪاڻو نه هو ڪڏهن ڪابل ته ڪڏهن بيروت ته وري ڪڏهن دمشق ۾ هوندو هو ڪابل ۽ بيروت ٻئي شهر دنيا جا خطرناڪ ترين شهر قرار ڏنل هئا جتي راڪيٽن بمن ۽ گولين جو مينهن معمول بڻيل هو اپريل 1979 ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي بعد 1980 ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو لنڊن کان افغانستان جي گادي واري شهر ڪابل پهتا هي اهي ڏينهن هئا جڏهن افغانستان جي صدر داؤد جي قتل بعد روسي فوجن جي حمايت سان نور محمد تره ڪي افغانستان جو صدر هو مير مرتضيٰ ڀٽو جنرل ضياءَ جي سرڪار خلاف هٿياربند جدوجهد واسطي افغان سرڪار جي مدد سان پهرين پاڪستان لبريشن آرمي جو بنياد رکيو جيڪا مارچ 1981 ع پي آءِ اي جي جهاز جي هاءِ جيڪنگ واقعي بعد "الذوالفقار" جي نالي سان مشهور ٿي الذوالفقار جي ڇاپه مارن جنرل ضياءَ تي ڪافي ناڪام قاتلانه حملا ڪيا جن ۾ 17 فيبروري 1981 ع تي پوپ پال جي ڪراچي آمد جي موقعي تي خودڪش بمبار ڌماڪو ڪيو جنهن ۾ خيرپور واسي بمبار لالا اسلم مارجي ويو هو ان بعد 6 آڪٽوبر 1982 ع تي جنرل ضياءَ جي سعودي عرب کان واپسي تي سيٽلائيٽ ٽاؤن راولپنڊي جي گهر مان جنرل ضياءَ جي جهاز تي لينڊنگ وقت ميزائل فائر ڪيو ويو جنهن ۾ هو ذري گهٽ بچي ويو هو

ڪابل ۾ مرتضيٰ ڀٽو جي رهائش وزير اڪبر خان روڊ تي هئي ڪابل جي انهيءَ وزير اڪبر خان روڊ تي مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو شام جو واڪ ڪندا هئا. جتي سندن پاڙي ۾ رهندڙ فوزيه پڻ شام جو اتي واڪ ڪندي هئي اتي فوزيه جي مير مرتضيٰ سان عليڪ سليڪ وڌندي وئي ۽ نيٺ اها عليڪ سليڪ مرتضيٰ سان شاديءَ ۾ بدلجي وئي. فوزيه جي والد فصيح جو تعلق افغان وزارت خارجه سان هو پر خفيه طور سندس رابطا افغان ويڙهاڪن ۽ سي آءِ اي سان هئا اهڙي طرح مرتضيٰ جو اڪثر وقت فوزيه جي گهر ۾ ان جي خاندان وارن سان گذرڻ لڳو انهيءَ دوران وري مرتضيٰ جي ننڍي ڀاءُ شاهنواز جو واسطو فوزيه جي ننڍي ڀيڻ ريحانا سان ٿي ويو. ريحانا. تنهن وقت ۾ روس جي خلاف وڙهندڙ افغان مجاهدين جي وڏي حمايتي هئي ۽ شاهنواز وري هڪ ڪميونسٽ ملڪ جو مهمان هو. هو ٻئي ان تي چرچن پوڳن ۾ وڙهندا رهندا به هئا. جيتوڻيڪ ٻنهي ڀائرن جون شاديون چند ڏينهن جي وقفي سان ٿيون هيون. پر ٻنهي جي شاديءَ جي وليمي واري دعوت واري تقريب گڏيل ٿي هئي. جنهن ۾ مير مرتضيٰ ۽ مير شاهنواز فلسطيني گوريلن وارا يونيفارم پاتا هئا مير جي يونيفارم جو رنگ ڳاڙهو ۽ شاهنواز ڪاري رنگ واري يونيفارم پاتي هئي. جڏهن ٻنهي ڀٽو ڀائرن جو هڪ دوست سهيل سيٺي ان شاديءَ واري تقريب جو دعوت نامو کڻي ان وقت جي افغان انٽيليجنس سربراهه ڊاڪٽر نجيب الله جيڪو پوءِ افغانستان جو صدر به بڻيو وٽ ويو ته هن ان جي اڳيان هڪ گڇو فائيل سامهون رکيو ۽ چيو ته هنن ڀائرن مونکي پهرين چو نه ٻڌايو ته هو ٻئي ڀائر جن ٻن ڀينرن سان شاديون ڪري رهيا آهن انهن جي پيءُ ۽ فيملي جا افغان مجاهدين سان ويجها لاڳاپا آهن. هنن جو پيءُ فارين سروسز ۾ ملازم آهي ۽ خصوصن جنرل ضياءَ جي (آئي ايس آئي) جي ذريعي افغان مجاهدين کي هٿيار فراهم ڪرڻ سميت ٻي مدد پڻ ڪندو آهي. جيڪي آمريڪن سي آئي اي جي معرفت کين ڏنا ويندا آهن اسان جي افغان خفيه ايجنسي "خاد" سندن جي سرگرمين کي مانيٽر ڪري رهي آهي پر ڊاڪٽر نجيب جا اهڙا انڪشاف ۽ خدشا ٻنهي ڀائرن جي پيار منجهان پرٽي ۾ ڪا رڪاوٽ بڻجي نه سگهيا. جنهن سان ڊاڪٽر نجيب کي وڏي مايوسي ۽ نااميدي ٿي ۽ ايئن هو ٻئي ڀائر انهيءَ ان وقت جي مجاهدين ۽ اڄ جي طالبان جي حامي خاندان جا ناٺي بڻجي ويا.

فاطمه ڀٽو جي پيدائش 29 مئي 1982 ع تي شام جو 3:45 منٽن تي ڪابل جي هڪ فوجي اسپتال ۾ ٿي. ان وقت ڪابل ۾ ڪرفيو هو جتي فاطمه جي ماءُ فوزيه کي سخت پهري ۾ اسپتال ۾ آندو ويو. تڏهن اهو به خطرو هيو ته ڪٿي مجاهدين ان اسپتال کي ٽارگيٽ نه بڻائين ۽ ان حملي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي باغي پٽن کي ختم نه ڪيو وڃي. ان لاءِ ڊاڪٽر نجيب طرفان اسپتال ۾ خصوصي حفاظتي انتظام ڪيا ويا هيا. ايستائين جو ڊاڪٽر نجيب ۽ سندس زال به اسپتال ۾ پهچي رهيا هئا ۽ ان وقت مرتضيٰ ڀٽو فلسطيني يونيفارم ۾ اسپتال جي آپريشن ٿيٽر ٻاهران ٻار جي ڄمڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن فوزيه کي ڌيءُ جو جنم ٿيو ته مرتضيٰ پنهنجي نومولود نياڻي جو نالو فاطمه رکيو اهڙي طرح شاهنواز کي جڏهن ريحانا مان نياڻي پيدا ٿي ته ان وري پنهنجي نياڻي جو نالو لطيف سائين جي هڪ سورمي سسئي جي نالي پٺيان "سسئي" رکيو. فاطمه جي عمر اڃا ٽي سال مس هئي ته سندس زندگي جا الميه شروع ٿيا. فرانس جي شهر "ڪانز" ۾ ڪافي سالن بعد جولاءِ 1985 ع سمورو ڀٽو خاندان گڏ ٿيو هو پر ڪين اهي خوشيون پاڻ نه پيون سندس پيءُ مرتضيٰ ۽ سندس چاچو شاهنواز شام مان اچي شريڪ ٿيا هئا. سندس ڦپيون بينظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو لنڊن مان اچي شريڪ ٿيون هيون. سندس ماءُ فوزيه جنيوا مان آئي هئي. سڀني پنهنجي ٻالڪپڻ جون يادون ۽ شرارتون هڪٻئي سان شيئر ڪيون. فاطمه ۽ سسئي ان وقت بالڪل ننڍڙيون هيون جيڪي پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي ٽنگن کي پڪڙي خوش ٿي رهيون هيون. اها خوشيءَ واري شام ريحانا ۽ شاهنواز جي معمولي اختلافن تي ختم ٿي وئي. ايستائين جو مرتضيٰ جيڪو پنهنجي ڀاءُ شاهنواز کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو ان طرفان معمولي مداخلت ڪرڻ تي ريحانا ڪيس خاموش رهڻ جو چيو ۽ پوءِ ريحانا پنهنجي فليٽ تان مرتضيٰ ۽ بينظير کي به ڪڍي ڇڏيو پوءِ هو سڀئي گڏجي بيگم نصرت ڀٽو جي فليٽ تي آيا. اهو 18 جولاءِ 1985 ع جو ڏينهن هو جڏهن صبح جو سوير فليٽ جو بيل وڳو. مرتضيٰ ٻاهر ويو ته ريحانا ٻاهر بيلي هئي هن ڪيس ٻڌايو ته شاهنواز کي نه جاڻ ڇا ٿي ويو آهي. سڀئي سندس فليٽ تي آيا ڏٺائون ته شاهنواز جو لاش صوفي ۽ ڪافيءَ واري ٽيبل جي وچ ۾ ڪريو پيو هو. سندس قميص لڱل هئي. بدن تي بلو رنگ جا نشان هئا. مير مرتضيٰ پنهنجي امڙ بيگم نصرت ڀٽو کي چيو "امان گوگي هليو ويو" ۽ پوءِ فرانس جي تحقيق ڪندڙ پوليس پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته شاهنواز جو موت زهريلا ڪيپسول واپرائڻ جي ڪري ٿيو آهي. سندس آندي، بدن ۽ ٻين حصن ۾ زهر ڦهليل هو. شاهنواز جي پراسرار موت کانپوءِ فاطمه جي پيءُ ۽ ماءُ درميان اختلاف وڌي ويا. سندن جو هڪٻئي سان گڏ رهڻ ناممڪن ٿي پيو ۽ ان وقت فاطمه جي عمر صرف 3 سال هئي. فاطمه جي پيءُ ماءُ درميان عليحدگي ٿي وئي ۽ ان سالن جي فاطمه کي سندس پيءُ مرتضيٰ پاڻ سان کڻي بيروت پهتو بيروت کان دمشق اچي رهيا ان سالن جي فاطمه کي سندس پيءُ ماءُ جيان پاليو هو فاطمه کي پنهنجي هٿن سان هنجاريندو هو. سندس وار ڪنگي سنواريندو هو. فاطمه کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ ڪهاڻيون ۽ ننڍڙا ڪيڏي سمهاريندو هو فاطمه کي مردن جهڙا بوٽ پارائيندو هو. فاطمه صفا ڇوڪرو لڳندي هئي هڪ ڏينهن دمشق جي هڪ هوٽل جي لفٽ ۾ مرتضيٰ سان هڪ دوشيزه ملي مرتضيٰ جي پڇڻ تي هن خاتون ٻڌايو ته سندس نالو غنويٰ آهي هو بنيادي طور ٽيچر آهي مرتضيٰ سائنس پنهنجي ڌيءُ فاطمه کي پڙهائڻ لاءِ چيو غنويٰ جي پيءُ جو نالو عبود عباسي هو عبود عباسي فرانس ۽ برطانيه خلاف آزادي جي ويڙهه وڙهي هو فاطمه جي پڙهائي مرتضيٰ ۽ غنويٰ جي شادي جو سبب بڻي. آخر مرتضيٰ ۽ غنويٰ 1989 ع ۾ شادي ڪري ڇڏي فاطمه غنويٰ سان مانوس ٿي چڪي هئي پر هو پاڻ کي اڪيلو سمجهندي هئي. مرتضيٰ کي غنويٰ مان پٽ جو اولاد ٿيو ذوالفقار جونيئر ڄائش بعد فاطمه کي پاڻ ملي ويو 1993 ع ۾ فاطمه جو پيءُ مرتضيٰ جلاوطني ختم ڪري واپس وطن آيو فاطمه جي ڦپي بينظير ڀٽو ملڪ جي وزيراعظم هئي سيپٽمبر 1996 ع وارو مهينو فاطمه جي زندگي لاءِ درد کڻي آيو. 19 سيپٽمبر تي مير مرتضيٰ جي سالگره جو ڏينهن هو مير مرتضيٰ سالگره وارو ڏينهن پنهنجن ٻچن سان گذاريو هنن ڪيڪ ڪٽيو ۽ رات جي ماني سڄي فيملي سميت هوٽل تي کاڌي فاطمه کي ڪهڙي خبر ته هي سالگره سندس موڙي ابي جي آخري سالگره هوندي 20 سيپٽمبر جو ڏينهن فاطمه جي زندگي جو اهڙو ڏينهن ٿي اڀريو شام جو جڏهن مير مرتضيٰ سورجاڻي ٽاؤن لاءِ نڪتو ته پنهنجي شريڪ حيات غنواي کي چئي نڪتو ته اوهان رات جي ماني گهر ۾ ناهجو واپس اچي ماني سڀ گڏجي کائيندا سين سج لهي چڪو هو اونداهي ٿي چڪي هئي غنواي بورچي خاني ۾ هئي فاطمه گهر جي بالڪوني تي ڪتاب پئي پڙهيو ۽ ذوالفقار جونيئر پيڻ جي پرسان ڪيڏي رهيو هو ته ايتري ۾ فاطمه کي پنهنجي اسڪول جي هڪ سهيلي جو فون آيو هو پڪنڪ بابت فاطمه سان ڳالهائي رهي هئي ته ايتري ۾ سندن گهر ستر ڪلفٽن ٻاهران شديد فائرنگ شروع ٿي وئي گولين جو مينهن وسي رهيو هو گوليون ذوالفقار علي ڀٽي جي گهر ستر ڪلفٽن جي بالڪوني پرسان پئي گذريون فاطمه پنهنجي ننڍي ڀاءُ ذوالفقار جونيئر کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو ڪچن ۾ بيٺل غنواي گهر جي چوڪيدارن کي چيو ته سو ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي گهر جي چوڪيدارن کي پوليس اهو چئي ٻنگلي کان ٻاهر نڪرڻ نه ڏنو ته ڏاڙيلن سان مقابلو پيو هلي ڪو به گهر کان ٻاهر نه نڪري فاطمه کي گهٽتي ورائي وئي ته ڪجهه ڏينهن کان سندس پيءُ مرتضيٰ ۽ سرڪار درميان تعلقات ڪشيده ٿي چڪا هئا فاطمه فورن هاٽ لائين ٽيليفون تي پنهنجي ڦپي بينظير ڀٽو جنهن کي هو "وڏي" چوندي هئي رابطو قائم ڪيو وزيراعظم جي اي ڊي سي ٽيليفون اٽينڊ ڪيو فاطمه ڪيس ٻڌايو ته مان فاطمه ٿي ڳالهايان مون کي "بوا وڏي" سان ڳالهائڻو آهي اي ڊي سي فورن چيو اوهان جي گهر ڏي خير آهي ايئن چئي هن فون رکي ڇڏي پر فاطمه جي گهٽتي وڌي وئي چو ته هن پنهنجي ڦپي بينظير ڀٽو جي روئڻ جو آواز ٻڌي ورتو هو فاطمه جي تشويش وڌي وئي هن ٻيهر وزيراعظم هاؤس فون ملايو سندس ڦڦڙ آصف علي زرداري لائين تي هو فاطمه ڪيس چيو مون کي "بوا وڏي" سان ڳالهائڻو آهي جنهن ڪيس چيو ته هو ڳالهائي سگهندي فاطمه پنهنجي ڦڦڙ آصف علي زرداري کي بار بار چوندي رهي ته مون کي صرف "بوا وڏي" سان ڳالهائڻو آ تنهن تي آخر آصف علي زرداري فاطمه کي چيو "تنهنجو پيءُ مارجي چڪو آهي" ايئن چئي آصف علي زرداري فون بند ڪري ڇڏي اها خبر ٻڌندي ئي فاطمه جي هٿ مان فون جو رسيور ڪري پيو ايئن ان ڏينهن فاطمه يتيم بڻجي وئي هن پيءُ جي شهادت بعد ڀٽو خاندان جي روايتي سياست جي دعويدار بڻجڻ بجاءِ هن علم ادب جي راهه ورتي. فاطمه ڀٽو اڄ ڪله عالمي سطح تي ٽينڊر عالمي ادبي ڪانفرنسن ۾ وڃي ٿي سندس ڪئين ڪتاب مضمون آرٽيڪل دنيا جي مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجن ٿا فاطمه اڄ به پنهنجي پيءُ جون سارون يون ياد ڪري ٿي ته ڪيئن سندس بابا جڏهن ملڪ کان ٻاهر جلاوطن هو ته به پنهنجي گهر ۽ سنڌ کي ياد ڪندو هو ۽ هو جمالو وارو سنڌي لوڪ گيت ترنم ۾ ڳائيندو هو سنڌ جو روايتي اجرڪ استعمال ڪندو هو شڪارپور جو آچار کائيندو هو جيڪو هن کي شڪارپور مان سوڪڙي تي ايندو هو فاطمه ڀٽو آخر 28 اپريل 2023 ع تي 41 سالن جي عمر ۾ پنهنجي آمريڪي دوست گراهم جنهن جو اسلامي نالو "جبران" رکيو ويو آهي سان شادي جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي وئي فاطمه ڀٽو جي شادي بعد پ ب شهيد ڀٽو جي ان ڌڙي ۾ مايوسي وڌندي جن غنويٰ ڀٽو جي پاليسين سان اختلاف ڪندي پاڻ کي فاطمه ڀٽو سان ان اميد تي وابسته پئي رکيو ته فاطمه ڀٽو سياست ۾ حصو وٺندي ۽ هو فاطمه ڀٽو جي قيادت ۾ سياست ڪندا فاطمه ڀٽو ۽ غنويٰ ڀٽو درميان اختلافن جو خبرون ته پهرين ئي گردش ۾ هيون پر مير مرتضيٰ ڀٽو جي 20 سيپٽمبر 1996 ع تي شهادت بعد 27 سالن جي طويل عرصي بعد 70 ڪلفٽن واري گهر ۾ ڪا خوشي جي تقريب فاطمه ڀٽو جي شادي جي صورت ۾ منعقد ٿي آهي ان تقريب جي جاري ٿيل تصويرن ۾ غنويٰ ڀٽو جي غير موجودگي ڪافي سواليه نشان اٿاري ڇڏيا آهن ڪافي سياسي حلقا فاطمه ڀٽو جي سياست ۾ سرگرم ٿيڻ سان رئيس آصف علي زرداري جي لاءِ مشڪلات سان جوڙيندا هئا پر هاڻي فاطمه ڀٽو جي شادي بعد آصف زرداري لاءِ اهو مشي جو سور به گهٽجي ويندو هن موقعي تي ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر کي به مبارڪون هجن جنهن هڪ ٽئي وقت ڀاءُ ۽ پيءُ وارو ڪردار ادا ڪندي پنهنجي وڏي ڀيڻ جي شادي ڪرائي ڪيس ابائي گهر مان ڪنوار بڻائي رخصت ڪيو بحرحال فاطمه ڀٽو جي شادي تي ڪيس مبارڪون هجن مولا ڪيس زندگي ۾ خوشيون نصيب ڪري.

عدليه ۽ پارليامينٽ جي سرد جنگ ۾ عمران جي عالمي مقبوليت

شبير جمالي

پاڪستان جي عدليه سياست جي معاملن کان وٺي جمهوريت جي لباس ۾ ڍڪيل نااهلن کي آڻڻ لاءِ پارليامينٽ جي قرارداد کي رد ڪرڻ لاءِ رات جو ٻارهين بجي کلي ۽ ڪرپٽ ٽولي کي حڪمران بڻايائين ۽ موڪل (آچر) واري ڏينهن عدالت کلي ملڪ جي سڀ کان وڏي ڪرپٽ سياستدان کي ضمانت يعني تحفظ ڏئي ٻاهر موڪلي پنهنجو وقار ۽ معيار ڪيرائي چڪي آهي جنهن جي ڪري عدليه جي فيصلن کي هر ڪو پنهنجي مرضي مطابق حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڪنهن جي به مرضي خلاف فيصلو اچڻ جي ڪري متاثر ڌر فيصلو مڃڻ لاءِ تيار ٿي نه آهي ۽ پوءِ عدليه مختلف طريقا استعمال ڪندي پنهنجن فيصلن کي مڃائڻ لاءِ ڪيسن کي اينگهائيندي رهندي آهي جهڙي طرح پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ اسيمبليون ٽٽڻ جي ڪري ٽن مهينن اندر اليڪشن نه ڪرائڻ آئين خلاف عمل ڪرڻ تي عدليه ازخود نوٽيس وٺي ٽن مهينن اندر اليڪشن ڪرائڻ جو فيصلو ڏنو ليڪن حڪومت پاڪستان عدليه جي فيصلي تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪندي پارليامينٽ جو مشترڪ اجلاس گهرائي جج صاحبان جا اختيار گهٽائڻ لاءِ قرارداد منظور ڪرائي جڏهن ته اليڪشن ۾ تاخيرڻ تي عدليه فيصلو محفوظ ڪيو هو ته ڪڏهن وري اليڪشن ڪميشن کان رپورٽ گهرائي ۽ هاڻ تازو وري يعني ٻارهين اپريل تي گورنر اسٽيٽ بينڪ گورنر پنجاب ۽ ڪي پي ڪي سميت مختلف وفاقي سيڪريٽريز کي ذاتي حيثيت ۾ اڄ 14 تاريخ تي طلب ڪيو آهي جنهن ۾ اڃا هڪ به تاريخ ۽ پوءِ عيد جون موڪلون مقصد ڪيس اڃا شايد اپريل سڄو هلندو سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته تاريخ تي تاريخ جو مطلب ڇا آهي يا ان فيصلي تي عمل ڪرائڻ وارا خود ائين ڪرائي رهيا آهن هن مان ڪجهه اندازو اهو به آهي ته ممڪن آهي ته اصل اقتدار ڏيئين جو عمران سان ڳالهيون هلي رهيون آهن جنهن جي ڪري ڪو به تڪڙو قدم کڻڻ کان پرهيز ڪرايو ٿو وڃي چو ته هن وقت وفاقي ڪابينه جو نااهل ٿيڻ جا امڪان تمام گهڻا ۽ چٽا ٿي ويا آهن جنهن جي ڪري وقت کان اڳي عام اليڪشن ٿي سگهي ٿي اهو به ممڪن آهي ته صدر مملڪت پنهنجا اختيار استعمال ڪندي ڇهن مهينن لاءِ نگران جوڙي سگهي ٿو نااهلي جي خوف کان پ پ پارٽي سياڻپ جو مظاهرو ڪندي قرباني جو بڪرو شرين رحمان خورشيد شاهه سميت اڳواڻن کي بڻايو آهي پر بلاول زرداري اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي حڪمرانن جي اهڙن قدمن ۽ عدليه جي فيصلي ۾ هلندڙ سرد جنگ عمران پاڪستاني عوام ۾ نه مقبول ٿي رهيو آهي پر آمريڪا سميت دنيا ۾ مقبوليت ماڻي رهيو آهي جڏهن ته آمريڪا جي ڪانگريس ۾ اها ڳالهه بحث هيٺ آئي آهي ته پاڪستان ۾ انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي هڪ عوامي ليبر تي ٻن سون جي لڳ ڀڳ ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا ته عام ماڻهون سان ڪيترو ظلم هوندو جنهن جي ڪري پاڪستان ۾ عام چوندون ٿيڻ گهرجن عمران تي اينترا ڪيس داخل ڪري حڪمرانن پنهنجي ڳچي ۾ بدنامي جو طوق وڌو آهي هينئر حڪومت پاڪستان هڪ بحران جي ڪن ۾ ڦاسجي وئي آهي يا ائين چئجي ته حڪومت ناهڻ وارن هينئر شهباز شريف سميت سندس ڪابينه کي هڪ ريگستان ۾ اڪيلو بي يارو مددگار ڪري ٽشو پيپر وانگي ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي جتان واپسي جو ڪو رستو باقي نه آهي سواءِ سياسي موت جي بحرحال هن وقت شهباز شريف لاءِ اهو بهتر آهي ته هو استعفا ڏئي اليڪشن ڏانهن وڃي جيڪو هو سوچي رهيو آهي پر ان کي ائين ڪرڻ ڪو نه ڏنو ويندو ۽ عدليه جي فيصلي تحت ٿي سگهي ٿو ملڪي سياستدانن جو وڏو انگ توهين عدالت جي ڪري نااهل ٿي وڃي ۽ عمران کي رستو صاف ڪري ڏنو وڃي يان عمران سان به وري راند ڪري هڪ نئين پارٽي ناهي ضرورت ايجاد جي ماءُ وانگر آندي وڃي جهڙي طرح ق ليگ آندي وئي ۽ ان جي حزب اختلاف ۾ متحده مجلس عمل ناهي وئي هئي مطلب پاڪستان ۾ هر شي ممڪن آهي پاڪستان جي سياسي راند جي ڊائريڪٽرن لاءِ ناممڪن ڪجهه به نه آهي هاڻ ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي اهو وقت ٻڌائيندو بحرحال جمهوريت جي ڊرامي ۾ پارليامينٽ ۽ عدليه جي سرد جنگ هلي رهي آهي جنهن کي هلائڻ وارو ڊائريڪٽر صرف هدايتون ڏئي رهيو آهي جنهن جو في الحال سياسي فائدو عمران کي ٿي رهيو آهي ۽ عوامي مقبوليت ۾ اضافو پڻ ٿي رهيو آهي اڳتي ڊائريڪٽر ڇا ٿو ڪرڻ چاهي يان ڇا ڪندو اهو وقت ئي ٻڌائي سگهي ٿو

بقايا ◆◆◆ 01

اسلامي جي بزرگ ۽ سنجيده ماڻهن کي حافظ نعيم الرحمان جي ڳالهين ۽ ذهني حالت جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. هن چيو ته ڪراچي جي عوام کي خبر آهي ته جماعت اسلامي سنڌن مقدمو نه وڙهي رهي آهي، سنڌ جي وڏي وزير پهرين ڏينهن کان آدمشماري تي آواز اٿاريو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته پيپلزپارٽي سبب حاليه آدمشماري ۾ خامين کي درست ڪيو پيو وڃي، حافظ نعيم الرحمان جي بيانن جو عمران خان جي بيانن سان مقابلو هلي رهيو آهي جن ۾ ڪا به صداقت ناهي ۽ ٻئي انتشار پکيڙي رهيا آهن. پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت ڪراچي جون رونقون بحال ڪري رهي آهي، ڪالهه واري اجلاس ۾ حافظ نعيم هوم ورڪ ڪانسواءِ ويهي ڳالهائيندو رهيو، بلدياتي اليڪشن ۾ اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود حافظ نعيم الرحمان گهربل اڪثريت حاصل نه ڪري سگهيو. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته حافظ نعيم مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ ...

ٽڪيٽون چيرائي رهيا آهيون. اهي ڇيچي وڃن. ان ۾ دير نه ڪريو. ٽائيم تمام گهٽ آهي. نجم ثاقب: بس اوهان بابا سان ملڻ اچي وڃو. ٿورو ادا ڪرڻ جي لاءِ پيو ڪجهه نه آهي. ابوذر چيڊڙ: جي سر ظاهر آهي. اها ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا آهيو نجم ثاقب: بابا 11 وڳي تائين آفيس اچي ويندو ان سان ملڻ اچي وڃجو. بس. بابا اوهان جي لاءِ تمام گهڻي محنت ڪئي آهي. ابوذر چيڊڙ: ٺيڪ آهي سر. مان سوچي رهيو آهيان ته پهريان چاچي سان ملڻ اچان يا شام جو ٽڪيٽ جمع ڪرايان. نجم ثاقب: اها اوهان جي مرضي آهي. پر اڄوڪي ڏينهن ۾ ملڻ ضرور اچجو بابا سانا ابوذر چيڊڙ جي ها ضرور مان سڀ ان سان ملڻ دس. نجم ثاقب: ٺيڪ آهي. ابوذر چيڊڙ: 12 وڳي ٽائيم ختم ٿي ويندو آهي نجم ثاقب: ٽڪيٽ چيرايون. اوهان پنهنجي تصوير موڪليو ۽ پوءِ انتظار ڪري آفيس اچو. ابوذر چيڊڙ: ٺيڪ آهي سر. هڪ ٻئي مبينه آڊيو ڪال ۾ نجم ثاقب ۽ ميان عزيز وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه به سامهون آئي آهي جنهن ۾ نجم ثاقب چوي ٿو ته واٽس ايپ ڏسو ميان عزيز چوي ٿو: ها ها ابوذر اماڻي آهي اوهان وٽ. نجم ثاقب: يار مان به وڪيل ...

بقايا — سنڌيار — 01

حسين درس، تعلقي صدر گل حسن چانڊيو، ذوالفقار ملاح، عرفان رستماڻي، نياز چانڊيو، بلاول پناڻ، ڪامريڊ مير اصغر ٽالپر ڪامريڊ اشو لوهاڻو، سجاد چانڊيو ذوالفقار علي چانڊيو آمريو ڪولهي راجا ڀيل، لالچند ڪولهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ الله والا چونڪ کان ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته آئي جي سنڌ پوليس جي منشيات جي روڪٿام واري ڪيل هدايتن جي باوجود به بدين ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ٽنڊوباگو شهر ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ هر قسم جي منشيات جنهن ۾ سفينا، چرس، آفيم، آئيس ڪچي شراب جو ڪرو سرعام ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري بدامني ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي. نوجوان نسل منشيات واپرائڻ سبب تباهي طرف وڃي رهيو آهي. قومي عوامي تحريڪ ٽنڊوباگو جي اڳواڻن چيو ته منشيات فروشن جي پشڀرائي ڪرڻ جي الزام هيٺ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ٽنڊوباگو معطل ڪيا ويا. پر ڪنهن منشيات جي ڊيلر کي گرفتار ڪري ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي، ۽ ٽنڊوباگو پوليس ٿاڻو ڪافي ڏينهن کان بغير ڪنهن ذميوار آفيسر جي هلي رهيو آهي. ڪوبه آفيسر مقرر نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري پڻ ٽنڊوباگو شهر ۾ موٽرسائيڪل ۽ سولر پليٽن جي چورين سميت منشيات کي پنجو نه اچي سگهيو آهي. ٽنڊوباگو شهر منشيات فروشن ۽ ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته تعلقي ٽنڊي باگي مان منشيات جو ڪرو بند ڪرائي وڌندڙ بدامني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 02

بهتر پوزيشن ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ پيل سامان کي برسات کان بچائڻ جي لاءِ گهرن جي ڇتين تي پني هٽي برسات جي پاڻي کي گهرن ۾ داخل ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا جڏهن ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي بيهڻ جي ڪري ماڻهن کي سخت تڪليف ۾ اچي ويا هئا برسات کان پوءِ ميونسپل ڪميٽي جو عملو ڪٿي به نظر نه آيو

بقايا — سنڌيار — 03

ڪيون ويون آهن، ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا — سنڌيار — 04

اسدالله شاهه ،آپڪا ضلع چيئرمين لاهوتي منير احمد سيال، مرڪزي اڳواڻ آپڪا احمد علي ڏاهري، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، سليم اختر پنهور، علي گل پنهور، غلام حيدر پنهور، شاهد گوپانگ يامين ميمڻ، سونو خان پنهور ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته اسان جي ريلي ڪرڻ جو مقصد ٻارن کي مختلف بيمارن کان بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ لاءِ اسان جي ضلعي دادو ۾ Who جي پاران هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا 24 اپريل کان 30 اپريل تائين آگاهي مهم هلائي ويندي ته عوام ۽ سوشل ورڪر جي سهڪار سان گڏجي ڪري هڪ ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ته جيئن اسان جي ٻارن کي بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ بابت جاڻ ڏيڻ آهي ته اسان سان گڏجي مختلف اين جي اوز ڪم ڪن پيون ته ٻار جي جمڻ کان وٺي ٻه سالن تائين بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ ان جو مقصد ٻارن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان بچائي سگهجي جيستائين اسان جو ٻار صحتمند نه هوندو ته ٻار جي زندگي کي به خطرو هوندو ان جي لاءِ اسين والدين کي گذارش ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن گڏجي ٻارن جي بيمارن کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪاءَ لڳرائڻ ۽ اسان عوام کي به اپيل ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن عوامي ڀلائي ۽ ٻارن جي صحت جي لاءِ ٽڪا لڳي سگهن ڊسٽرڪٽ سرويلينس ڪوآرڊينيٽر دادو ڊاڪٽر اسدالله شاهه ريلي کي خطاب ۾ چيو ته ورڊ هيلٿ آرگنائيزيشن WHO جي پاران ڏينهن ملايو پيو وڃي ته ٻارن جي بيمارين تي والدين ۽ عوام ۾ آگاهي مهيم ڏيڻ آهي ته .خطرناڪ بيمارين کان ٻارن کي بچاءَ لاءِ وڪسن ڪرائڻ ته جيئن اسان جي ٻار صحت مند رهي سگهن ۽ والدين وڌ ۾ وڌ اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن اسان جون ٽيمون انهن جي ٻار جو چڪاس ڪري ٽڪاءَ لڳيائنديون ته هو انشاالله خطرناڪ بيمارين کان بچي سگهن آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئشن جي مرڪزي اڳواڻ احمد علي ڏاهري ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته والدين کي صحت کاتي پاران تشڪيل ڏنل ٽيمن سان سهڪار ڪن ته گلن جهڙن ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪاءَ ڪرائڻ ته جيئن مختلف خطرناڪ بيمارين کان پنهنجي ٻارن کي بچاءَ سگهي ان حوالي سان اڄ اسين هي آگاهي مهيم جي لاءِ ريلي ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 05

جيان بجلي جو نظام پڻ درهم برهم برسات شروع ٿيڻ شرط بجلي غائب ٿي وئي جڏهن ته ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽي سميت ڪوهستاني پٽي ۽ جابلو علائقن پڻ تيز برسات پوڻ جا اطلاع

بقايا — سنڌيار — 06

ڪيو وڃي وارثن جي پريس ڪانفرنس پيرائتي خبر موجب ته چار ڏينهن اڳ بدين شهر جي ڪينٽ روڊ جي رهائشي بدين جي نجي اسپتال جي نرس شمشاد عرف شمع خاصخيلي مبينا زهريلو ڪارو پٿر پي پنهنجو انت آڻڻ وارو معامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي مقتول جي پيءُ جاويد خاصخيلي جي فرياد تي بدين ٿاڻي تي مقتولا جي مڙس مولابخش خاصخيلي تي سندس زال شمشاد عرف شمع خاصخيلي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف مقتولا جي والد ڏني بخش والدا ساران پيءُ جاويد خاصخيلي گذريل راتبدين پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي مقتولا جي پيءُ جاويد صحافين کي ٻڌايو ته 24 اپريل تي مولابخش مون کي فون ڪري اهو چئي پنهنجي گهر گهرايو ته آئون اچي پنهنجي ڌيءَ کي سمجها يان ۽ آئون جڏهن مولابخش جي گهر پهتس ته منهنجي ڌيءَ شمشاد عرف شمع جي حالت خراب هئي ۽ ان مون کي ٻڌايو ته مولابخش مون تي تشدد ڪيو آهي ۽ مون کي زهر ڏنو آهي آئون هڪدم پنهنجي ڌيءَ کي انڊس اسپتال ڪٺائي ويس جتي ڊاڪٽرن هن جو چيڪ اپ ڪرڻ کانپوءِ هن کي حيدرآباد ريفر ڪيو ۽ آئون ڌيءَ کي انڊس اسپتال جي ايمبولينس ۾ حيدرآباد ڪٺائي پي ويس پر هن انڊس اسپتال کان سڌ پنڌ تي ئي ايمبولينس ۾ دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو مون ڌيءَ جو لاش واپس انڊس اسپتال آندو ۽ بدين پوليس کي اطلاع ڪيو جيڪا به اسپتال پهتي جتي پوسٽ مارٽم کانپوءِ لاش منهنجي حوالي ٿيو ۽ اسان ان جي تدفين ڪئي هن ٻڌايو ته شمشاد عرف شمع کي اسپتال ڪٺي وڃڻ کان ان کي دفنائڻ ۽ ان کانپوءِ اڄ تائين ان جو مڙس مولابخش غائب آهي ۽ منهنجي ڌيءَ جي پٽ اسان کي ٻڌايو ته سندن والد سندن والدا کي مارڪٽ ڪري گهتا ڏنا ۽ پينگهي جي پاين سان ان جي مٿي کي ٽڪرايو جنهن تي اسان کي به شڪ ٿيو پر منهنجي ڌيءَ کي غسل ڏيندڙ عورتن جڏهن اسان کي ٻڌايو ته مقتولا جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ گلي تي پڻ گهٽو ڏيڻ جو نشان هو جنهن تي اسان جو شڪ پڪ ۾ تبديل ٿي ويو ته منهنجي ڌيءَ خود ڪشي نه پر هن کي قتل ڪيو ويو آهي جنهن کانپوءِ مون بدين ٿاڻي تي پنهنجي پيٽويي مولابخش خاصخيلي تي منهنجي ڌيءَ کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن کي چوويه ڪلاڪن کان مٿي وقت گذري ويو آهي مقتولا جي وارثن الزام هنيو آهي ته سنڌ حڪومت ۾ شامل صلاحڪارن ۽ پ پ پ جي بااثر ماڻهن جي پشڀرائي سبب بدين پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ڊاڪٽرن پوسٽ مارٽم رپورٽ مان منهنجي ڌيءَ جي جسم تي ۽ گلي ۾ تشدد ۽ گهٽو ڏيڻ جا نشان غائب ڪري ڇڏيا آهن هنن سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سيشن جج بدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو هن معامري جو نوٽيس وٺن ۽ منهنجي ڌيءَ جي قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي هنن چيو ته اسان اهڙي پٽيشن سيشن جج بدين جي عدالت ۾ پڻ داخل ڪنداسين ۽ 24 ڪلاڪن ۾ جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو ته اسان برادري ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ ساجاهه وند ماڻهن کي ڀرپور احتجاج ڪرڻ جو سڏ ڏينداسين ٻئي طرف مولابش خاصخيلي سان رابطو ڪرڻ تي مسلسل هن جو موبائل نمبر بند ملي رهيو آهي

بقايا — سنڌيار — 07

ايم پي اي برهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن ته گرفتار جوابدار اڳوڻو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو، مرتضيٰ، سڪندر، علي گوهر، ذوالفقار چانڊيو کي جيل پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو، ٻڌڻي دوران فريادي پرويز چانڊيو پاران عدالت ۾ پيش ڪيل بيان تي الزام هيٺ آيل پ پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو جي ڌر جي وڪيل اطهر عباس آڏي پڇا ڪئي، مسلسل اڍائي ڪلاڪن تائين ٻڌڻي جاري رهڻ بعد عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 11 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي اُم رباب چانڊيو چيو ته اسان جي شاهدن ۽ فريادي پرويز چانڊيو پاران عدالت ۾ بيان جمع ٿيل هئا ان تي اڄ الزام هيٺ آيل ڌر جي وڪيل آڏي پڇا ڪندي سوال جواب ڪيا اڍائي ڪلاڪن تائين ٻڌڻي هلي پر سوال جواب مڪمل ني سگهيا. الزام هيٺ آيل ڌر جي وڪيل عدالت کي چيو ته ٻڌڻي جي ٻي تاريخ ڏني وڃي ته جيئن رهيل سوال جواب آڏي پڇا ڪئي وڃي، جنهن تي عدالت ٻڌڻي ملتوي ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 08

تفصيل موجب گذريل ڏينهن ڪينجهر ڍنڍ لڳ ٺٽي ضلعي جو رهواسي 36 سالا نوجوان محمد امين چنڊا ٿي ملاح مسجد جي باٿ روم ۾ فوت ٿي ويو عيني شاهدن موجب محمد امين ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو اڄ صبح جيئن ئي واش روم ويو ته گهڻي دير تائين ٻاهر نه نڪتو جنهن تي مسجد جي صفائي ڪندڙ شخص علائقي واسين ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس پهچڻ بعد واش روم جي ڇت ٽوڙي ٻاهر ڪڍيو ويو ان دوران همراهه فوت ٿي چڪو هو بعد ۾ اسٽيل ٽائون پوليس ضابطي جي ڪارروائي لاءِ لاش ٿاڻي تي ڪٺائي وئي ۽ قانون ڪارروائي بعد ميت کي علائقي واسين پاران چندو ڪري اباڻي ڳوٺ گل محمد چنڊائي مراد پور نيو ويو سندس وارثن ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته نوجوان جي موت دل جي دوري سبب ٿي آهي.

بقايا — سنڌيار — 09

پيل عمارت جي اداري پاران مرمت نه ٿيڻ ۽ بلڊنگ کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏيڻ کانپوءِ ڪجهه ڏينهن کان ڪجهه ماڻهو قبضو ڪري رهيا آهن. سيد جاويد شاهه حسيني ٻڌايو ته هن عمارت ۽ زمين جي قيمت هزارن يا لکن ۾ نه پر ڪروڙن ۾ آهي. پر حڪومت ۽ لوڪل گورنمينٽ کاتي طرفان عمارت ۽ زمين جي مالڪي نه ٿيڻ سبب ڪجهه ماڻهو هن زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جنهن جي شڪايت نه رڳو ضلعي انتظاميه پر ٽنڊو ميونسپل ڪميٽي سميت چونڊيل نمائندن کي پڻ ڏني وئي آهي. پر بدقسمتي ۽ سان ڪنهن به اداري ـ ضلعي انتظاميا ۽ نه ئي چونڊيل نمائندا ان حوالي سان ڪو به نوٽيس وٺي رهيا آهن. جنهن سبب هي سرڪاري ملڪيت جيڪا هڪ اثاثو آهي . ڪجهه ماڻهن هٿان قبضو ڪيو پيو وڃي. هن حڪومت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ان حوالي سان فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ بلڊنگ تي قبضو ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا — سنڌيار — 10

ڪوششون ڪري رهيا آهيون، ساجد جوکيو، خبر موجب صوبائي وزير محمد ساجد ۽ ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي گڏاپ جي ڳوٺ ساٽل موکي ۾ کليل ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي، کليل ڪچهري ۾ ڳوٺاڻن پاران بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٻين بنيادي مسئلن تي ڳالهايو ويو ، ان موقعي تي کلي ڪچهري کي خطاب ڪندي محمد ساجد جوکيو چيو ته ملير ۾ پهريون پيرو بلدياتي اليڪشن ۾ ٽن ٽائونن جي يوسين تي پيپلز پارٽي جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن ان ڪري گڏاپ ٽائون، ابراهيم حيدري ٽائون ، ملير ٽائون جا چيئرمين جيالا هوندا. ان سان گڏ تاريخ ۾ پهريون پيرو ميئر جيالو هوندو ، هن چيو ته پيپلز پارٽي جي دور ۾ ملير جي سمورن ڳوٺن کي سموري بنيادي سهولتون ڏنيون ويون آهن ملير ۾ سيڪنڊري اسڪول ڪاليج ۽ ٻيون تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو وڌيڪ چيو ته کلي ڪچهري ڪوٺائڻ جو مقصد عوام جا مسئلا ٻڌڻ لاءِ آيا آهيون عوام پنهنجا مسئلا اسان سان ۽ انتظاميا آڏو رکيا ويا آهن اسين عوام جي سمورن مسئلن جي لاءِ حل ڪرڻ جي ڀرپور لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ۽ عوام جا مسئلا ترجيع بنيادن تي حل ڪرايا ويندا، مون وٽ پيپلز پارٽي جا ورڪر مسئلا کڻي آيا ۽ مون محسوس ڪيو جيستائين کلي ڪچهري نه ٿيندي تيستائين مسئلا حل نه ٿيندا مان اهو نه ٿو چوان ته توهان جا 50 مسئلا آهن ۽ 50 مسئلائي حل ٿيندا ۽ چار مسئلا حل ٿيندا ته اڳلي مهيني هڪ کلي ڪچهري ڪوٺائي ويندي ته جيڪا کلي ڪچهري ڪوٺائي وئي ان جو ڪهڙو حل نڪتو جيڪي مسئلا کلي ڪچهري ۾ ٻڌايا ويا آهن انهن کي حل ڪيو ويندو هتي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ويٺل آهن انهن کي چوندس ته هتي بند پيل چوڪي اسٽارٽ ڪئي وڃي چاڪاڻ ته گڏاپ ٿاڻو هتان کان پري آهي ۽ هتي چوڪي قائم ڪئي وڃي ان ۾ سب انسپيڪٽر، اي ايس آئي ۽ پوليس عملو تعينات ڪيو وڃي. تقريب ۾ ڊي ايس پي گڏاپ، ايس ايڇ او گڏاپ، قادر بخش گبول، منظور حسين بلوچ، رفيق جوکيو، شاهجهان خاصخيلي، اياز حميد بلوچ سميت علائقي معززين ۽ عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 11

ڪي اغوا ڪيو زيادتي بعد قتل ڪري ويا آهن، نينگري جو والد، نينگري جي والد جي فرياد تي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪري ميڊيڪل لاءِ اسپتال موڪليو آهي معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون. پوليس تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ 13 ورهين جي نينگري مبينا اغوا بعد اجتماعي زيادتي جو شڪار، جوابدار نينگري کي بيهوش ڪري قتل ڪري ويا بينظير ڪالوني ۾ جوابدار گهر ۾ گهڙي مبينا طور 13 ورهين جي نينگري ايمان ملڪ کي اغوا ڪري کڻي ويا، نينگري کي 3 کان وڌيڪ جوابدارن طرفان اجتماعي زيادتي ڪرڻ بعد ريلوي پٽڙي تي قتل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ نينگري جي والد اقبال پٽي ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڙي ۾ رهندڙ جوابدارن سليم، علي ۽ عمران گبول رات دير سان نينگري کي اغوا ڪيو ۽ ساري رات زيادتي ڪرڻ بعد ڪيس قتل ڪري ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته مان غريب آهيان منهنجي ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هوڏانهن ميرپور ماٿيلو پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته نينگري جي والد جي فرياد تي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪري ميڊيڪل لاءِ اسپتال موڪليو آهي وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا — سنڌيار — 12

ڪراچي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته انجمن ترقي پسند مصنفن ڪراچي شاخ سنڌ جي عظيم انقلابي شاعر ۽ دانشور شيخ اياز جي صديءَ جي طور ڪيس پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ 28 مئي تي هڪ ڏينهن جي ڪانفرنس منعقد ڪندي. ڪانفرنس ۾ ملڪ جا نالي وارا ترقي پسند ۽ روشن خيال دانشور شيخ اياز جي فن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ مقالا پيش ڪندا. انجمن ترقي پسند مصنفن ڪراچي ڪاميٽي پاران انجمن ڪراچي جي صدر شاهد ڪمال جي اڳوٽي پروگرام جي آرگنائيزنگ ڪاميٽي پڻ جوڙي وئي، انجمن ترقي پسند مصنفن جي مرڪزي اڳواڻ پروفيسر ڊاڪٽر سيد جعفر احمد، ڪراچي جي صدر پروفسر شاهد ڪمال ۽ سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري سجاد ظهير چيو آهي ته شيخ اياز ويهين صديءَ دوران سنڌي شاعري ۾ ۾ نوان ٽرينڊ متعارف ڪرايا. اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو. انجمن جي اڳواڻن پاران 28 مئي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ مختلف مڪتبه فڪر جي اديبن، شاعرن، سماجي اڳواڻ ۽ عورتن کي شريڪ ٿيڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 13

وڃن ٿا، جڏهن ته گذريل ڏهن ڏينهن کان ولي ايس ايڇ او ٽنڊوباگو ۽ گذريل پنجن ڏينهن کان ولي ڊي ايس پي ٽنڊوباگو جون پوسٽون پڻ خالي پيل آهن، جن تي پوليس آفيسرن جون مقرريون نه ڪيون ويون آهن هتان جي ماڻهن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان گهر ڪئي آهي ته سول ڪورٽ ٽنڊوباگو سول جج مقرر ڪري ماڻهن کي پريشانين کان بچايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 14

ٿي ٿيندڙ ٽندي چونڊ جي سلسلي ۾ سياسي ۽ هڪ ٻئي جا اتحادي ٽوڙڻ جو سلسلو به جاري آهي گذريل ڏينهن سرحد ۾ پ پ پاران چونڊن جي سلسلي ۾ ڪارنر گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ پ پ تعلقي گهوٽڪي جي صدر مير حمزه خان سندراڻي، اميدوار چيف احمد علي ملڪ، ابوذر لکڻ، شاهد پاڻي، نور الدين زنگي، عمران ملڪ، فقيرنورحسن ملڪ، محمد ڪامران، محمد ناصر، خالد ملڪ، سميت سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جي ڊي اي جي اهم اتحادين محمد سليم ملڪ، محمد علي ملڪ، قديرملڪ، رحمان منگي، ياسين شاهه، ۽ ٻين پاران ساٿين ۽ برادري سميت جي ڊي اي کي الوداع ڪري پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي پ پ پ ۾ شامل ٿيندڙ اڳواڻن جو چوڻ هو ته سرحد جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻون پوندو ته جيئن هتان جي رهواسين جا مسئلا حل ٿي سگهن. ان موقعي تي پ پ اڳواڻ مير حمزه خان سندراڻي، چيف احمد علي ملڪ ۽ ٻين پاران پ پ ۾ شامل ٿيندڙن کي ڀليڪار ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار — 15

ڦورو ڏينهن ڏٺي واسٽي جي رهواسي وحيد ميمڻ کان سي ڊي 2023 ماڊل موٽرسائيڪل ۽ 40 هزار روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي هٿياربند آساني سان ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن پوليس جاءِ واردات تي نه پهتي ۽ نه ڪلاڪن ٿاڻي تي ويٺا آهيو ۽ ايس ايڇ او ملڻ لاءِ تيار ناهي : وحيد ميمڻ چوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن ايس ايڇ او کي هٽائي ڪو ايماندار آفيسر مقرر ڪري شهر جو امن امان بحال ڪرايو وڃي : سياسي سماجي اڳواڻ

بقايا — سنڌيار — 16

قتل ڪري ڇڏيو ۽ موقعي تان فرار ٿي ويو فائرنگ جي آواز تي پاڙيوارا گهران نڪري قتل بابت پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ٿاڻي ڪٺائي پهتي جتي مقتول جي وارثن سميت وڏي تعداد ۾ شهري ٿاڻي تي پهچي ويا جتي مقتول جي پيءُ ٻڌايو ته منهنجي پيءُ عطا الله پنجاب جي شهر جلال پور مان ڪجهه سال اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو ۽ ٻن ڏينهن کان سندس سالو فهد گهر ۾ ترسيل هو جنهن اڄ صبح جو پيءُ کي قتل ڪري فرار ٿي ويو آهي جنهن بعد لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ ڪشمور اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻي طرف آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا — سنڌيار — 17

جهنجي سامهون ڪشمور ضلع جي امن امان وارو مسئلو چيلنج بڻجي چڪو هو ۽ پوري ضلع اندر ڌوهي سرگرمين ۾ اچانڪ تيزي اچڻ ڪري ڪين ايس ايس پي عرفان علي سمون کي وڌندڙ بد امني جنهن ۾ روزانه اغوا روڊ رهبري ۽ اسٽريٽ ڪرائم تي ڪنٽرول نه ڪرڻ بعد ڪين آئي جي سنڌ پاران عرفان علي سمون کي شڪارپور بدلي ڪندي سندن جي جاءِ تي شبير احمد سيٺار کي ڪشمور ضلع جو ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ايس ايس پي شبير سيٺار احمد سيٺار جي اچڻ شرط اغوائن جي سلسلي ۾ تيزي ايندي سندن جي ڪجهه ڏينهن جي مدي دوران اناره ماڻهون اغوا ڪيا ويا ۽ ڌوهارين جي سرگرمين کي سامهون رکندي ايس ايس پي شبير احمد سيٺار پاران آئي جي سنڌ کي ٽن مهينن لاءِ موڪل ڏيڻ جي درخواست ڏني وئي جيڪا آئي جي سنڌ پاران منظور ڪندي سندن جي جاءِ تي ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون کي اضافي چارج ڏني وئي جڏهن ته ٻئي پاسي ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار جي اچانڪ موڪل ڪرڻ بابت سوشل ميڊيا ذريعي ڄاڻ ملي ته ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار پاران موڪل ڪرڻ جو ڪارڻ ضلع ڪشمور اندر سياسي مداخلت من پسند ڪاروايون ڪرائڻ ۽ ڌوهارين کي پتو ڏيارڻ سميت گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ پل جي تعمير ۾ رڪاوٽ وجهڻ ڪري ڪين موڪل ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهيان.

بقايا — سنڌيار — 18

بي گناهه لوڊر رڪشا ڊرائيور کي گوليون هڻي قتل ڪيو جنهن جو ڪيس ڏوڪري ٿاڻي تي داخل آهي پر هائي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته ڏوڪري پوليس هن وقت تائين جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي. هنن ڏوڪري پوليس تي الزام هڻندي چيو ته پوليس ڪجهه نه ٿي ڪري اسين آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪوڙن ڏڻن ۽ آسرن ڪانسواءِ ڪجهه ناهي مليو. هنن پيپلزپارٽي جي چيئرمين، ڊي آءِ جي، ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته مولا بخش شيخ جا قاتل گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا — سنڌيار — 19

ڏي ريزن ملهوائي فوت ٿي ويي جنهن تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا — سنڌيار — 20

وڪرو ٿيڻ لڳيون، يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا، اطلاع تي ميڊيا جي ٽيم جو ڇاپو. يوٽيلٽي اسٽور انچارج پاران صحافين کي داٻا، يوٽيلٽي اسٽور انچارج صحافين کي ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. تفصيل موجب وزيراعظم پاڪستان طرفان مليل سبسڊي ۾ روزمره استعمال ٿيندڙ شيون يوٽيلٽي اسٽور تان غريبن بدران عام دڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون ميرپور ماٿيلو ۾ يوٽيلٽي اسٽور عوام لاءِ بي لاپ بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور پراڻي مارڪيٽ تان گيهه سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن. يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا آهن. ان سلسلي ۾ جڏهن ميڊيا جي ٽيم ڇاپو هنيو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران صحافين کي داٻا ڪيا ويا، ۽ ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. ان سلسلي ۾ دوڪاندار ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان روزانو هتان يوٽيلٽي اسٽور تان سامان خريد ڪندا آهيون ۽ اسٽور انچارج اسان کي سستي اگهه تي سامان وڪرو ڪندو آهي، ۽ اسان وري پنهنجي دوڪانن تي سامان وڪرو ڪندا آهيون توهان خبرون نه هلايو مهرباني ٿيندي. ٻي پاسي شهرين ٻڌايو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج کان گيهه يا ڪو ٻيو سان خريد ڪندا آهيون ته اهو في ڪارڊ تي گيهه جي هڪ ٿيلهي ڏيندو آهي پر هُن ته هڪ ڪارڊ تي 65 ڪارٽون وڪرو ڪيا آهن. ان خلاف ڪو ڪامورو ڪاروائي نه ٿو ڪري، جڏهن ته ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور جي ڊائريڪٽر سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سندس سان رابطو نه ٿي سگهيو.

بقايا — سنڌيار — 21

پيڻ پاڪستان جي عوام جي آس اميد بيبي فاطمه ڀٽو آمريڪي نوجوان گراهم جبران سان شادي ڪري ڇڏي ـ سٽر ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ نڪاح جي تقريب ـ ذُوالفقار جُونيئر جي سوشل ميڊيا ذريعي تصديق ڪري ڇڏي شادي ۽ نڪاح جي تقريب تمام ننڍڙي پيماني تي ٿي ـ جنهن ۾ 70 ڪلفٽن جي مُلازمن ۽ چند خاص ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 22

پريس ڪلب دولت پور پهچي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اٽڪل 6مهينا اڳ تعلقي مورو جي ديهه خيرو ديرو ۾ محمد علي لغاري کان پيسن عيوض 11 ايڪڙ ڪجه ويسا زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي مختلف 10 کان وڌيڪ ٿاڻن تي ڏوهه گهربل جوابدار مبين ڪورائي سڪندر عرف فوجي ڪورائي مصطفي ڪورائي راشد ڪورائي هٿيارن جي زور تي منهنجي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا منع ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته اسان لغاري برداري کان زمين خريد ڪئي آهي جيڪي اڃان حال حيات آهن انهن کان به پڇي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسان برداري توڙي علائقي جي ماڻهن کي ڪافي دفعا داٿهون ڏنيون پر هوءِ ڊر ڪوبه عمل نٿي ڪري ۽ امن امان بگاڙڻ ۾ آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان غريب مسڪين ۽ شريف ماڻهون آهيون اسان جهيڙو نه ٿا ڪري سگهون اسان امن امان چاهيون ٿا هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي سي نوشهروفيروز ۽ ڊي سي نواب شاهه کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته منهنجي زمين تي قبضو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري مون کي انصاف ڏيارڻ سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 23

آهن جاتايل اڳواڻ سال 2014 ۾ پيٽرول پمپ تي تيل جهيڙي مارجي ويل عبدالوحيد اعوان جي قتل ڪيس ۾ سزا ڀوڳي رهيا هيا ذريعن موجب جسقم اڳواڻ ۽ مقتول ڌر جي ماڻهن وچ ۾ سال اڳ قتل جو نبيرو ٿيو هو جنهن تحت ڌرين ۾ ٺيل راضي نامي بعد ٺهين اڳواڻن جي آزادي ٿي آهي جڏهن ته ڪامريڊ الاهي بخش راڄپر ۽ ٻيا آزادي بعد قافلي جي صورت ۾ نوشهروفيروز کان ٻرياستي پريس ڪلب پهتا جتي وڏي انگ ۾ ڪارڪنن سندس شاندار استقبال ڪري گلن جي ورکا ڪئي ان بعد هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ چاهين سليمان روانو ٿي ويو

بقايا — سنڌيار — 24

ٿاڻين ٻاهر نه آيو علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪرڻ بعد دروازو کوليو ته همراهه فوت ٿي چڪو هو تفصيل موجب گذريل ڏينهن ڪينجهر ڍنڍ لڳ ٺٽي ضلعي جو رهواسي 36 سالا نوجوان محمد امين چنڊا ٿي ملاح مسجد جي باٿ روم ۾ فوت ٿي ويو عيني شاهدن موجب محمد امين ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو اڄ صبح جيئن ئي واش روم ويو ته گهڻي دير تائين ٻاهر نه نڪتو جنهن تي مسجد جي صفائي ڪندڙ شخص علائقي واسين ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس پهچڻ بعد واش روم جي ڇت ٽوڙي ٻاهر ڪڍيو ويو ان دوران همراهه فوت ٿي چڪو هو بعد ۾ اسٽيل ٽائون پوليس ضابطي جي ڪارروائي لاءِ لاش ٿاڻي تي ڪٺائي وئي ۽ قانون ڪارروائي بعد ميت کي علائقي واسين پاران چندو ڪري اباڻي ڳوٺ گل محمد چنڊائي مراد پور نيو ويو سندس وارثن ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته نوجوان جي موت دل جي دوري سبب ٿي آهي

بقايا — سنڌيار — 25

جي شادي ڪري ڇڏي جنهن کانپوءِ هنن هتي ڳالهائيندي چيو ته اسان پسند جي شادي ڪئي آهي جنهن کانپوءِ مٽ مائٽ جان جا دشمن بڻجي ويا آهي جيڪي اسان کي قتل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان جي مائٽن کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ سان گڏ ڪوڙن ڪيسن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. پسند جي شادي ڪندڙ ناري ثمينا جلباڻي چيو ته مون پنهنجي رضا خوشيءَ سان نور حسين شر سان شادي ڪئي آهي پر منهنجو ڀيءُ صدورو، ڀاڻر، سؤٽ ساٿوڻ شان عرف بگن، گلبهار گلشير، لاڻق، حسين، مختيار جلباڻي ۽ ٻيا جان جا ويري بڻجي ويا آهن جيڪي اسان ٻنهي کي ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ قتل ڪرڻ لاءِ ڳولا ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون. هنن وس وارن کي هٿ ٻڌي اپيل ڪئي ته اسان جي زندگين کي مذڪورا ماڻهن مان خطرو آهي جنهن ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪري زندگي خوشيءَ سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 26

ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڪافي عرصي کان معمولي ڳالهه تان جهيڙو هلندڙ هو ۽ اچانڪ عيد رات مٿس حملو ڪري محمد ملوڪ کي روزي جي حالت ۾ ڪين شهيد ڪري ڇڏيو جڏهن ته ايف آئي آر سترن ماڻهن مٿان داخل آهي پر ان باوجود پوليس پاران ڪا هن محل تائين ڪاروائي يا گرفتاري عمل ۾ آندي وئي آهي اسان آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ کان مطالبو ڪيون ٿا ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 27

پنج منشيات فروش گرفتار ٽن چٺن منشيات فروشن ايف آئي آر ۾ فرار ڄاڻايو ويو خبر موجب شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سمباپاڻي ۾ آئي جي سنڌ جي حڪم تي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سليم شاهه ۽ سي آئي اي ڊي ايس پي اسلم لانگاهه جي سربراهي منشيات جي آڏي تي ڇاپو لڪين روبين جي منشيات هٿ شيخ پرڪيو ٿاڻي تي 8 منشيات فروشن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڇاپي دوران آڏي جي مالڪي ڪندڙ جمعون ساند منٺار ساند اشوڪ ڪولهي انيل ڪاڪر اشوڪ ڪاڪر کي پوليس پاران گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته نالي وارو منشيات فروش نارو ڪولهي اعظم ساند غلام علي ساند کي ايف آئي آر ۾ فرار ڄاڻايو ويو آهي جڏهن ته پوليس موجب ڇاپي دوران مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ 905 ڪلوگرام مٽريل 2500 تيار ٿيل مين پڙيون برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي جنهن جي ماليت لکين روپيا ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا — سنڌيار — 28

پريشان، خاص ڪري ڊائلسز جا مريض سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جي ڊي سي جي سربراهه ظفر عباس ۽ نوجوان ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي سيد محمد علي زيدي جي ڪوشش جو نتيجو آيو آهي ۽ گورنمينٽ 25 بيڊ اسپتال ملير جي پرسان عمارت ۾ لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان جديد ڊائلسز مشينن ۽ ٻين سهولتن سان گڏ جمشيد رضا سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو افتتاح سنڌ جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي رورل نيٽ ورڪ (ڪراچي) جي جنرل سيڪريٽري زاهد رحيم، خوٽ عوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي باني وائيس چيئرمين ۽ ممتاز سماجي ورڪر سليم جي ميمڻ جي موجودگي ۾ هڪ سادي تقريب ۾ ڪيو) ۽ صحافي نذير احمد سنديلو پڻ جمشيد رضا ڊائلسز سينٽر جو دورو ڪيو. سينٽر جي انچارج سيد عمران تفصيل بيان ڪندي ٻڌايو ته هن وقت هن سينٽر ۾ روزانو ٻن شفٽن ۾ ڊائلسز مڪمل طور تي مفت ڪيو پيو وڃي. هتي ڪو به ڪيش ڪائونٽر ناهي، تجربيڪار ۽ قابل ڊاڪٽر ۽ تجربيڪار اسٽاف آهي. هيپاٽائيٽس بي ۽ هيپاٽائيٽس سي جي مريضن لاءِ هڪ هڪ بسترو آهي ۽ عام مريضن لاءِ پنج بيڊ موجود آهن. انشاء الله ٽين شفٽ به جلد شروع ٿيندي. سماجي ورڪر زاهد علاج هيٺ مريضن جي عيادت ڪئي. هن سينٽر جي قيام تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته اسان هفتي ۾ ٽي ڀيرا ڊائلسز ڪندا آهيون جنهن لاءِ اسان کي پري پري تائين وڃڻو پوندو هو. جي ڊي سي ظفر عباس جو ٿورائتو آهيان. اها سهولت گهر جي ويجهو حاصل ڪئي. ڪرينگي جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ايم ميمڻ جي ڊي سي کي درخواست ڪئي ته يادن ڳوٺ جي غريب عوام لاءِ ليبارٽري قائم ڪئي وڃي. جنهن تي سينٽر جي انچارج سيد عمران مڪمل تعاون جو يقين ڏيارين.

بقايا — سنڌيار — 29

کي زخمي حالت ۾ ٿاڻي اندر اڇلائي ويا ۽ پوليس سامهون بيهر حملو ڪري پنوعاقل پريس ڪلب جي صدر پريل دايو ۽ سندس پٽ ارشاد دايو کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي اغوا ڪري کڻي ويا. پنوعاقل پوليس بيغيرتي ۽ پوتارن جي ونگار وهڻ جون سڀئي حدون ڪراس ڪندي هٿياربندن خلاف ڪارروائي بدران اغوا بعد زخمي حالت ۾ ٿاڻي اندر اڇلائي ويل صحافي عرفان ڪلهوڙو کي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته سکر ۾ ڏاڪن کان فرعونيت قائم ڪري ويٺل پوتار جي حڪم تحت صحافي عرفان ڪلهوڙو کي اغوا ڪرڻ کان پهرين ئي مٿس ايف آئي آر پڻ ڪاٽي وئي آهي. اهو واقعو اهڙي موقعي تي پيش آيو آهي جڏهن پوتار جي فرمائش تي صحافين خلاف انتقامي ڪارروائين کان انڪار ڪندڙ ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ موڪل تي ڪراچي ويل آهي.

بقايا — سنڌيار — 30

جا نامعلوم چور گذريل رات تالا ٽوڙي لکين روپين جي سامان سميت روڪ رقم چوري ڪري ديده دليري سان فرار ٿي ويا جڏهن ته اهڙي وارادات تي شهري اتحاد خانواهڻ سميت دڪاندارن ۽ رهواسين پاران حيرانگي جو اظهار ڪيو ويو خانواهڻ وڌندڙ بدامني تي نه ڪو ضابطو آندو ويو ۽ بدقسمتي سان نه ئي وري ايس ايڇ او خانواهڻ پاران چورن کي ڪو به جواب نه ملڻ تان چورن ۽ ڦورن شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. رهواسين شهرين آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 31

پوڻ جا پڻ اطلاع آهن. جڏهن ته ڪوهستاني پٽي ۾ برسات پوڻ ڪري نيون ۽ دورا ۽ وهي پيا آهن. جڏهن نه ٺٽي شهر جي شاهي بازار سميت ڪڇيون آباديون پاڻي هيٺ اچي ويون آهن. جنهن ڪري شهري سخت پريشان آهن. پر اڃان تائين انتظاميه برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪي به جوڳا قدم نا هن کنيا. شهرين مطالبو ڪيو آهي ڏفورن برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 32

هندو واپاري روشن مل برج لال ڪمار ۽ دليپ ڪمار سميت 100 کان وڌيڪ دڪان ۽ گدام سيل ڪري ڇڏيا آهن ان موقعي تي فوڊ انسپيڪٽر نذير شيخ ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته ڪٽڪ زخيرو ٿيڻ واريون خبرون آواز ٽي وي نيوز جي نشاندهي ڪرائڻ تي شهر جي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي سئو کان وڌيڪ دڪان ۽ مختلف گدام سيل ڪري ڇڏيا آهن خوراڪ کاتي جي عملدارن جو چوڻ هو ته غيرقانوني ڪٽڪ زخيرو ڪندڙن کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 33

يوسي ٽالپروڏا جي ڳوٺ مينگهواڙ محلي جي رهواسين ڪان پان کي ڪوٽرار سڏائيندڙ شخص گهرن جي سروي ۽ ڪين جلد پئسا ڏيارڻ جو آسرو ڏيئي 200 روپيا في گهر تي اوڳاڙي ڪري ويو گذريل سال پيل برساتن ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي گهرن جي سروي بهاني ڦرلٽ جاري آهي برسات متاثر ماڻهو گهرن جي مرمت جا پئسا ملڻ جي آسري ۾ ڪين پئسا ڏيڻ تي مجبور آهن

بقايا — سنڌيار — 34

حسين درس، تعلقي صدر گل حسن چانڊيو، ذوالفقار ملاح، عرفان رستماڻي، نياز چانڊيو، بلاول پناڻ، ڪامريڊ مير اصغر ٽالپر ڪامريڊ اشو لوهاڻو، سجاد چانڊيو ذوالفقار علي چانڊيو آمريو ڪولهي راجا ڀيل، لالچند ڪولهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ الله والا چونڪ کان ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته آئي جي سنڌ پوليس جي منشيات جي روڪٿام واري ڪيل هدايتن جي باوجود به بدين ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ٽنڊوباگو شهر ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ هر قسم جي منشيات جنهن ۾ سفينا، چرس، آفيم، آئيس ڪچي شراب جو ڪرو سرعام ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري بدامني ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي. نوجوان نسل منشيات واپرائڻ سبب تباهي طرف وڃي رهيو آهي. قومي عوامي تحريڪ ٽنڊوباگو جي اڳواڻن چيو ته منشيات فروشن جي پشڀرائي ڪرڻ جي الزام هيٺ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ٽنڊوباگو معطل ڪيا ويا. پر ڪنهن منشيات جي ڊيلر کي گرفتار ڪري ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي، ۽ ٽنڊوباگو پوليس ٿاڻو ڪافي ڏينهن کان بغير ڪنهن ذميوار آفيسر جي هلي رهيو آهي. ڪوبه آفيسر مقرر نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري پڻ ٽنڊوباگو شهر ۾ موٽرسائيڪل ۽ سولر پليٽن جي چورين سميت منشيات کي پنجو نه اچي سگهيو آهي. ٽنڊوباگو شهر منشيات فروشن ۽ ڌوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته تعلقي ٽنڊي باگي مان منشيات جو ڪرو بند ڪرائي وڌندڙ بدامني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 35

اسدالله شاهه ،آپڪا ضلع چيئرمين لاهوتي منير احمد سيال، مرڪزي اڳواڻ آپڪا احمد علي ڏاهري، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، سليم اختر پنهور، علي گل پنهور، غلام حيدر پنهور، شاهد گوپانگ يامين ميمڻ، سونو خان پنهور ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته اسان جي ريلي ڪرڻ جو مقصد ٻارن کي مختلف بيمارن کان بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ لاءِ اسان جي ضلعي دادو ۾ Who جي پاران هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا 24 اپريل کان 30 اپريل تائين آگاهي مهم هلائي ويندي ته عوام ۽ سوشل ورڪر جي سهڪار سان گڏجي ڪري هڪ ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ته جيئن اسان جي ٻارن کي بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ بابت جاڻ ڏيڻ آهي ته اسان سان گڏجي مختلف اين جي اوز ڪم ڪن پيون ته ٻار جي جمڻ کان وٺي ٻه سالن تائين بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ ان جو مقصد ٻارن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان بچائي سگهجي جيستائين اسان جو ٻار صحتمند نه هوندو ته ٻار جي زندگي کي به خطرو هوندو ان جي لاءِ اسين والدين کي گذارش ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن گڏجي ٻارن جي بيمارن کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪاءَ لڳرائڻ ۽ اسان عوام کي به اپيل ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن عوامي ڀلائي ۽ ٻارن جي صحت جي لاءِ ٽڪا لڳي سگهن ڊسٽرڪٽ سرويلينس ڪوآرڊينيٽر دادو ڊاڪٽر اسدالله شاهه ريلي کي خطاب ۾ چيو ته ورڊ هيلٿ آرگنائيزيشن WHO جي پاران ڏينهن ملايو پيو وڃي ته ٻارن جي بيمارين تي والدين ۽ عوام ۾ آگاهي مهيم ڏيڻ آهي ته .خطرناڪ بيمارين کان ٻارن کي بچاءَ لاءِ وڪسن ڪرائڻ ته جيئن اسان جي ٻار صحت مند رهي سگهن ۽ والدين وڌ ۾ وڌ اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن اسان جون ٽيمون انهن جي ٻار جو چڪاس ڪري ٽڪاءَ لڳيائنديون ته هو انشاالله خطرناڪ بيمارين کان بچي سگهن آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئشن جي مرڪزي اڳواڻ احمد علي ڏاهري ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته والدين کي صحت کاتي پاران تشڪيل ڏنل ٽيمن سان سهڪار ڪن ته گلن جهڙن ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪاءَ ڪرائڻ ته جيئن مختلف خطرناڪ بيمارين کان پنهنجي ٻارن کي بچاءَ سگهي ان حوالي سان اڄ اسين هي آگاهي مهيم جي لاءِ ريلي ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 36

ڪيو وڃي وارثن جي پريس ڪانفرنس پيرائتي خبر موجب ته چار ڏينهن اڳ بدين شهر جي ڪينٽ روڊ جي رهائشي بدين جي نجي اسپتال جي نرس شمشاد عرف شمع خاصخيلي مبينا زهريلو ڪارو پٿر پي پنهنجو انت آڻڻ وارو معامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي مقتول جي پيءُ جاويد خاصخيلي جي فرياد تي بدين ٿاڻي تي مقتولا جي مڙس مولابخش خاصخيلي تي سندس زال شمشاد عرف شمع خاصخيلي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف مقتولا جي والد ڏني بخش والدا ساران پيءُ جاويد خاصخيلي گذريل راتبدين پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي مقتولا جي پيءُ جاويد صحافين کي ٻڌايو ته 24 اپريل تي مولابخش مون کي فون ڪري اهو چئي پنهنجي گهر گهرايو ته آئون اچي پنهنجي ڌيءَ کي سمجها يان ۽ آئون جڏهن مولابخش جي گهر پهتس ته منهنجي ڌيءَ شمشاد عرف شمع جي حالت خراب هئي ۽ ان مون کي ٻڌايو ته مولابخش مون تي تشدد ڪيو آهي ۽ مون کي زهر ڏنو آهي آئون هڪدم پنهنجي ڌيءَ کي انڊس اسپتال ڪٺائي ويس جتي ڊاڪٽرن هن جو چيڪ اپ ڪرڻ کانپوءِ هن کي حيدرآباد ريفر ڪيو ۽ آئون ڌيءَ کي انڊس اسپتال جي ايمبولينس ۾ حيدرآباد ڪٺائي پي ويس پر هن انڊس اسپتال کان سڌ پنڌ تي ئي ايمبولينس ۾ دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو مون ڌيءَ جو لاش واپس انڊس اسپتال آندو ۽ بدين پوليس کي اطلاع ڪيو جيڪا به اسپتال پهتي جتي پوسٽ مارٽم کانپوءِ لاش منهنجي حوالي ٿيو ۽ اسان ان جي تدفين ڪئي هن ٻڌايو ته شمشاد عرف شمع کي اسپتال ڪٺي وڃڻ کان ان کي دفنائڻ ۽ ان کانپوءِ اڄ تائين ان جو مڙس مولابخش غائب آهي ۽ منهنجي ڌيءَ جي پٽ اسان کي ٻڌايو ته سندن والد سندن والدا کي مارڪٽ ڪري گهتا ڏنا ۽ پينگهي جي پاين سان ان جي مٿي کي ٽڪرايو جنهن تي اسان کي به شڪ ٿيو پر منهنجي ڌيءَ کي غسل ڏيندڙ عورتن جڏهن اسان کي ٻڌايو ته مقتولا جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ گلي تي پڻ گهٽو ڏيڻ جو نشان هو جنهن تي اسان جو شڪ پڪ ۾ تبديل ٿي ويو ته منهنجي ڌيءَ خود ڪشي نه پر هن کي قتل ڪيو ويو آهي جنهن کانپوءِ مون بدين ٿاڻي تي پنهنجي پيٽويي مولابخش خاصخيلي تي منهنجي ڌيءَ کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن کي چوويه ڪلاڪن کان مٿي وقت گذري ويو آهي مقتولا جي وارثن الزام هنيو آهي ته سنڌ حڪومت ۾ شامل صلاحڪارن ۽ پ پ پ جي بااثر ماڻهن جي پشڀرائي سبب بدين پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ڊاڪٽرن پوسٽ مارٽم رپورٽ مان منهنجي ڌيءَ جي جسم تي ۽ گلي ۾ تشدد ۽ گهٽو ڏيڻ جا نشان غائب ڪري ڇڏيا آهن هنن سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سيشن جج بدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو هن معامري جو نوٽيس وٺن ۽ منهنجي ڌيءَ جي قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي هنن چيو ته اسان اهڙي پٽيشن سيشن جج بدين جي عدالت ۾ پڻ داخل ڪنداسين ۽ 24 ڪلاڪن ۾ جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو ته اسان برادري ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ ساجاهه وند ماڻهن کي ڀرپور احتجاج ڪرڻ جو سڏ ڏينداسين ٻئي طرف مولابش خاصخيلي سان رابطو ڪرڻ تي مسلسل هن جو موبائل نمبر بند ملي رهيو آهي

بقايا — سنڌيار — 37

ڪوششون ڪري رهيا آهيون، ساجد جوکيو، خبر موجب صوبائي وزير محمد ساجد ۽ ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي گڏاپ جي ڳوٺ ساٽل موکي ۾ کليل ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي، کليل ڪچهري ۾ ڳوٺاڻن پاران بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٻين بنيادي مسئلن تي ڳالهايو ويو ، ان موقعي تي کلي ڪچهري کي خطاب ڪندي محمد ساجد جوکيو چيو ته ملير ۾ پهريون پيرو بلدياتي اليڪشن ۾ ٽن ٽائونن جي يوسين تي پيپلز پارٽي جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن ان ڪري گڏاپ ٽائون، ابراهيم حيدري ٽائون ، ملير ٽائون جا چيئرمين جيالا هوندا. ان سان گڏ تاريخ ۾ پهريون پيرو ميئر جيالو هوندو ، هن چيو ته پيپلز پارٽي جي دور ۾ ملير جي سمورن ڳوٺن کي سموري بنيادي سهولتون ڏنيون ويون آهن ملير ۾ سيڪنڊري اسڪول ڪاليج ۽ ٻيون تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو وڌيڪ چيو ته کلي ڪچهري ڪوٺائڻ جو مقصد عوام جا مسئلا ٻڌڻ لاءِ آيا آهيون عوام پنهنجا مسئلا اسان سان ۽ انتظاميا آڏو رکيا ويا آهن اسين عوام جي سمورن مسئلن جي لاءِ حل ڪرڻ جي ڀرپور لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ۽ عوام جا مسئلا ترجيع بنيادن تي حل ڪرايا ويندا، مون وٽ پيپلز پارٽي جا ورڪر مسئلا کڻي آيا ۽ مون محسوس ڪيو جيستائين کلي ڪچهري نه ٿيندي تيستائين مسئلا حل نه ٿيندا مان اهو نه ٿو چوان ته توهان جا 50 مسئلا آهن ۽ 50 مسئلائي حل ٿيندا ۽ چار مسئلا حل ٿيندا ته اڳلي مهيني هڪ کلي ڪچهري ڪوٺائي ويندي ته جيڪا کلي ڪچهري ڪوٺائي وئي ان جو ڪهڙو حل نڪتو جيڪي مسئلا کلي ڪچهري ۾ ٻڌايا ويا آهن انهن کي حل ڪيو ويندو هتي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ويٺل آهن انهن کي چوندس ته هتي بند پيل چوڪي اسٽارٽ ڪئي وڃي چاڪاڻ ته گڏاپ ٿاڻو هتان کان پري آهي ۽ هتي چوڪي قائم ڪئي وڃي ان ۾ سب انسپيڪٽر، اي ايس آئي ۽ پوليس عملو تعينات ڪيو وڃي. تقريب ۾ ڊي ايس پي گڏاپ، ايس ايڇ او گڏاپ، قادر بخش گبول، منظور حسين بلوچ، رفيق جوکيو، شاهجهان خاصخيلي، اياز حميد بلوچ سميت علائقي معززين ۽ عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 38

ڪي اغوا ڪيو زيادتي بعد قتل ڪري ويا آهن، نينگري جو والد، نينگري جي والد جي فرياد تي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪري ميڊيڪل لاءِ اسپتال موڪليو آهي معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون. پوليس تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ 13 ورهين جي نينگري مبينا اغوا بعد اجتماعي زيادتي جو شڪار، جوابدار نينگري کي بيهوش ڪري قتل ڪري ويا بينظير ڪالوني ۾ جوابدار گهر ۾ گهڙي مبينا طور 13 ورهين جي نينگري ايمان ملڪ کي اغوا ڪري کڻي ويا، نينگري کي 3 کان وڌيڪ جوابدارن طرفان اجتماعي زيادتي ڪرڻ بعد ريلوي پٽڙي تي قتل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ نينگري جي والد اقبال پٽي ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڙي ۾ رهندڙ جوابدارن سليم، علي ۽ عمران گبول رات دير سان نينگري کي اغوا ڪيو ۽ ساري رات زيادتي ڪرڻ بعد ڪيس قتل ڪري ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته مان غريب آهيان منهنجي ڪير به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هوڏانهن ميرپور ماٿيلو پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته نينگري جي والد جي فرياد تي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪري ميڊيڪل لاءِ اسپتال موڪليو آهي وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا — سنڌيار — 39

ڪراچي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته انجمن ترقي پسند مصنفن ڪراچي شاخ سنڌ جي عظيم انقلابي شاعر ۽ دانشور شيخ اياز جي صديءَ جي طور ڪيس پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ 28 مئي تي هڪ ڏينهن جي ڪانفرنس منعقد ڪندي. ڪانفرنس ۾ ملڪ جا نالي وارا ترقي پسند ۽ روشن خيال دانشور شيخ اياز جي فن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ مقالا پيش ڪندا. انجمن ترقي پسند مصنفن ڪراچي ڪاميٽي پاران انجمن ڪراچي جي صدر شاهد ڪمال جي اڳوٽي پروگرام جي آرگنائيزنگ ڪاميٽي پڻ جوڙي وئي، انجمن ترقي پسند مصنفن جي مرڪزي اڳواڻ پروفيسر ڊاڪٽر سيد جعفر احمد، ڪراچي جي صدر پروفسر شاهد ڪمال ۽ سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري سجاد ظهير چيو آهي ته شيخ اياز ويهين صديءَ دوران سنڌي شاعري ۾ ۾ نوان ٽرينڊ متعارف ڪرايا. اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو. انجمن جي اڳواڻن پاران 28 مئي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ مختلف مڪتبه فڪر جي اديبن، شاعرن، سماجي اڳواڻ ۽ عورتن کي شريڪ ٿيڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 40

وڪرو ٿيڻ لڳيون، يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا، اطلاع تي ميڊيا جي ٽيم جو ڇاپو. يوٽيلٽي اسٽور انچارج پاران صحافين کي داٻا، يوٽيلٽي اسٽور انچارج صحافين کي ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. تفصيل موجب وزيراعظم پاڪستان طرفان مليل سبسڊي ۾ روزمره استعمال ٿيندڙ شيون يوٽيلٽي اسٽور تان غريبن بدران عام دڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون ميرپور ماٿيلو ۾ يوٽيلٽي اسٽور عوام لاءِ بي لاپ بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور پراڻي مارڪيٽ تان گيهه سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن. يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا آهن. ان سلسلي ۾ جڏهن ميڊيا جي ٽيم ڇاپو هنيو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران صحافين کي داٻا ڪيا ويا، ۽ ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. ان سلسلي ۾ دوڪاندار ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان روزانو هتان يوٽيلٽي اسٽور تان سامان خريد ڪندا آهيون ۽ اسٽور انچارج اسان کي سستي اگهه تي سامان وڪرو ڪندو آهي، ۽ اسان وري پنهنجي دوڪانن تي سامان وڪرو ڪندا آهيون توهان خبرون نه هلايو مهرباني ٿيندي. ٻي پاسي شهرين ٻڌايو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج کان گيهه يا ڪو ٻيو سان خريد ڪندا آهيون ته اهو في ڪارڊ تي گيهه جي هڪ ٿيلهي ڏيندو آهي پر هُن ته هڪ ڪارڊ تي 65 ڪارٽون وڪرو ڪيا آهن. ان خلاف ڪو ڪامورو ڪاروائي نه ٿو ڪري، جڏهن ته ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور جي ڊائريڪٽر سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سندس سان رابطو نه ٿي سگهيو.

بقايا — سنڌيار — 41

پريس ڪلب دولت پور پهچي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اٽڪل 6مهينا اڳ تعلقي مورو جي ديهه خيرو ديرو ۾ محمد علي لغاري کان پيسن عيوض 11 ايڪڙ ڪجه ويسا زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي مختلف 10 کان وڌيڪ ٿاڻن تي ڏوهه گهربل جوابدار مبين ڪورائي سڪندر عرف فوجي ڪورائي مصطفي ڪورائي راشد ڪورائي هٿيارن جي زور تي منهنجي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا منع ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته اسان لغاري برداري کان زمين خريد ڪئي آهي جيڪي اڃان حال حيات آهن انهن کان به پڇي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسان برداري توڙي علائقي جي ماڻهن کي ڪافي دفعا داٿهون ڏنيون پر هوءِ ڊر ڪوبه عمل نٿي ڪري ۽ امن امان بگاڙڻ ۾ آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان غريب مسڪين ۽ شريف ماڻهون آهيون اسان جهيڙو نه ٿا ڪري سگهون اسان امن امان چاهيون ٿا هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي سي نوشهروفيروز ۽ ڊي سي نواب شاهه کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ته منهنجي زمين تي قبضو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري مون کي انصاف ڏيارڻ سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 42

پريشان، خاص ڪري ڊائلسز جا مريض سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جي ڊي سي جي سربراهه ظفر عباس ۽ نوجوان ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي سيد محمد علي زيدي جي ڪوشش جو نتيجو آيو آهي ۽ گورنمينٽ 25 بيڊ اسپتال ملير جي پرسان عمارت ۾ لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان جديد ڊائلسز مشينن ۽ ٻين سهولتن سان گڏ جمشيد رضا سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو افتتاح سنڌ جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي رورل نيٽ ورڪ (ڪراچي) جي جنرل سيڪريٽري زاهد رحيم، خوٽ عوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي باني وائيس چيئرمين ۽ ممتاز سماجي ورڪر سليم جي ميمڻ جي موجودگي ۾ هڪ سادي تقريب ۾ ڪيو) ۽ صحافي نذير احمد سنديلو پڻ جمشيد رضا ڊائلسز سينٽر جو دورو ڪيو. سينٽر جي انچارج سيد عمران تفصيل بيان ڪندي ٻڌايو ته هن وقت هن سينٽر ۾ روزانو ٻن شفٽن ۾ ڊائلسز مڪمل طور تي مفت ڪيو پيو وڃي. هتي ڪو به ڪيش ڪائونٽر ناهي، تجربيڪار ۽ قابل ڊاڪٽر ۽ تجربيڪار اسٽاف آهي. هيپاٽائيٽس بي ۽ هيپاٽائيٽس سي جي مريضن لاءِ هڪ هڪ بسترو آهي ۽ عام مريضن لاءِ پنج بيڊ موجود آهن. انشاء الله ٽين شفٽ به جلد شروع ٿيندي. سماجي ورڪر زاهد علاج هيٺ مريضن جي عيادت ڪئي. هن سينٽر جي قيام تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته اسان هفتي ۾ ٽي ڀيرا ڊائلسز ڪندا آهيون جنهن لاءِ اسان کي پري پري تائين وڃڻو پوندو هو. جي ڊي سي ظفر عباس جو ٿورائتو آهيان. اها سهولت گهر جي ويجهو حاصل ڪئي. ڪرينگي جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ايم ميمڻ جي ڊي سي کي درخواست ڪئي ته يادن ڳوٺ جي غريب عوام لاءِ ليبارٽري قائم ڪئي وڃي. جنهن تي سينٽر جي انچارج سيد عمران مڪمل تعاون جو يقين ڏيارين.

بقايا — سنڌيار — 43

اسدالله شاهه ،آپڪا ضلع چيئرمين لاهوتي منير احمد سيال، مرڪزي اڳواڻ آپڪا احمد علي ڏاهري، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو، سليم اختر پنهور، علي گل پنهور، غلام حيدر پنهور، شاهد گوپانگ يامين ميمڻ، سونو خان پنهور ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته اسان جي ريلي ڪرڻ جو مقصد ٻارن کي مختلف بيمارن کان بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ لاءِ اسان جي ضلعي دادو ۾ Who جي پاران هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا 24 اپريل کان 30 اپريل تائين آگاهي مهم هلائي ويندي ته عوام ۽ سوشل ورڪر جي سهڪار سان گڏجي ڪري هڪ ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ته جيئن اسان جي ٻارن کي بچاءَ جا ٽڪا هڻڻ بابت جاڻ ڏيڻ آهي ته اسان سان گڏجي مختلف اين جي اوز ڪم ڪن پيون ته ٻار جي جمڻ کان وٺي ٻه سالن تائين بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ ان جو مقصد ٻارن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان بچائي سگهجي جيستائين اسان جو ٻار صحتمند نه هوندو ته ٻار جي زندگي کي به خطرو هوندو ان جي لاءِ اسين والدين کي گذارش ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن گڏجي ٻارن جي بيمارن کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪاءَ لڳرائڻ ۽ اسان عوام کي به اپيل ڪيون ٿا ته اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن ته جيئن عوامي ڀلائي ۽ ٻارن جي صحت جي لاءِ ٽڪا لڳي سگهن ڊسٽرڪٽ سرويلينس ڪوآرڊينيٽر دادو ڊاڪٽر اسدالله شاهه ريلي کي خطاب ۾ چيو ته ورڊ هيلٿ آرگنائيزيشن WHO جي پاران ڏينهن ملايو پيو وڃي ته ٻارن جي بيمارين تي والدين ۽ عوام ۾ آگاهي مهيم ڏيڻ آهي ته .خطرناڪ بيمارين کان ٻارن کي بچاءَ لاءِ وڪسن ڪرائڻ ته جيئن اسان جي ٻار صحت مند رهي سگهن ۽ والدين وڌ ۾ وڌ اسان جي ٽيمن سان رابطي ۾ رهن اسان جون ٽيمون انهن جي ٻار جو چڪاس ڪري ٽڪاءَ لڳيائنديون ته هو انشاالله خطرناڪ بيمارين کان بچي سگهن آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئشن جي مرڪزي اڳواڻ احمد علي ڏاهري ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته والدين کي صحت کاتي پاران تشڪيل ڏنل ٽيمن سان سهڪار ڪن ته گلن جهڙن ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪاءَ ڪرائڻ ته جيئن مختلف خطرناڪ بيمارين کان پنهنجي ٻارن کي بچاءَ سگهي ان حوالي سان اڄ اسين هي آگاهي مهيم جي لاءِ ريلي ڪئي آهي

بقايا — سنڌيار — 44

ڪيو وڃي وارثن جي پريس ڪانفرنس پيرائتي خبر موجب ته چار ڏينهن اڳ بدين شهر جي ڪينٽ روڊ جي رهائشي بدين جي نجي اسپتال جي نرس شمشاد عرف شمع خاصخيلي مبينا زهريلو ڪارو پٿر پي پنهنجو انت آڻڻ وارو معامرو نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي مقتول جي پيءُ جاويد خاصخيلي جي فرياد تي بدين ٿاڻي تي مقتولا جي مڙس مولابخش خاصخيلي تي سندس زال شمشاد عرف شمع خاصخيلي کي قتل ڪرڻ جو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف مقتولا جي والد ڏني بخش والدا ساران پيءُ جاويد خاصخيلي گذريل راتبدين پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي مقتولا جي پيءُ جاويد صحافين کي ٻڌايو ته 24 اپريل تي مولابخش مون کي فون ڪري اهو چئي پنهنجي گهر گهرايو ته آئون اچي پنهنجي ڌيءَ کي سمجها يان ۽ آئون جڏهن مولابخش جي گهر پهتس ته منهنجي ڌيءَ شمشاد عرف شمع جي حالت خراب هئي ۽ ان مون کي ٻڌايو ته مولابخش مون تي تشدد ڪيو آهي ۽ مون کي زهر ڏنو آهي آئون هڪدم پنهنجي ڌيءَ کي انڊس اسپتال ڪٺائي ويس جتي ڊاڪٽرن هن جو چيڪ اپ ڪرڻ کانپوءِ هن کي حيدرآباد ريفر ڪيو ۽ آئون ڌيءَ کي انڊس اسپتال جي ايمبولينس ۾ حيدرآباد ڪٺائي پي ويس پر هن انڊس اسپتال کان سڌ پنڌ تي ئي ايمبولينس ۾ دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو مون ڌيءَ جو لاش واپس انڊس اسپتال آندو ۽ بدين پوليس کي اطلاع ڪيو جيڪا به اسپتال پهتي جتي پوسٽ مارٽم کانپوءِ لاش منهنجي حوالي ٿيو ۽ اسان ان جي تدفين ڪئي هن ٻڌايو ته شمشاد عرف شمع کي اسپتال ڪٺي وڃڻ کان ان کي دفنائڻ ۽ ان کانپوءِ اڄ تائين ان جو مڙس مولابخش غائب آهي ۽ منهنجي ڌيءَ جي پٽ اسان کي ٻڌايو ته سندن والد سندن والدا کي مارڪٽ ڪري گهتا ڏنا ۽ پينگهي جي پاين سان ان جي مٿي کي ٽڪرايو جنهن تي اسان کي به شڪ ٿيو پر منهنجي ڌيءَ کي غسل ڏيندڙ عورتن جڏهن اسان کي ٻڌايو ته مقتولا جي جسم تي تشدد جا نشان ۽ گلي تي پڻ گهٽو ڏيڻ جو نشان هو جنهن تي اسان جو شڪ پڪ ۾ تبديل ٿي ويو ته منهنجي ڌيءَ خود ڪشي نه پر هن کي قتل ڪيو ويو آهي جنهن کانپوءِ مون بدين ٿاڻي تي پنهنجي پيٽويي مولابخش خاصخيلي تي منهنجي ڌيءَ کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن کي چوويه ڪلاڪن کان مٿي وقت گذري ويو آهي مقتولا جي وارثن الزام هنيو آهي ته سنڌ حڪومت ۾ شامل صلاحڪارن ۽ پ پ پ جي بااثر ماڻهن جي پشڀرائي سبب بدين پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ڊاڪٽرن پوسٽ مارٽم رپورٽ مان منهنجي ڌيءَ جي جسم تي ۽ گلي ۾ تشدد ۽ گهٽو ڏيڻ جا نشان غائب ڪري ڇڏيا آهن هنن سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سيشن جج بدين کي اپيل ڪئي آهي ته هو هن معامري جو نوٽيس وٺن ۽ منهنجي ڌيءَ جي قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي هنن چيو ته اسان اهڙي پٽيشن سيشن جج بدين جي عدالت ۾ پڻ داخل ڪنداسين ۽ 24 ڪلاڪن ۾ جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو ته اسان برادري ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ ساجاهه وند ماڻهن کي ڀرپور احتجاج ڪرڻ جو سڏ ڏينداسين ٻئي طرف مولابش خاصخيلي سان رابطو ڪرڻ تي مسلسل هن جو موبائل نمبر بند ملي رهيو آهي

بقايا — سنڌيار — 45

ڪوششون ڪري رهيا آهيون، ساجد جوکيو، خبر موجب صوبائي وزير محمد ساجد ۽ ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي گڏاپ جي ڳوٺ ساٽل موکي ۾ کليل ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي، کليل ڪچهري ۾ ڳوٺاڻن پاران بجلي، گئس، پاڻي ۽ ٻين بنيادي مسئلن تي ڳالهايو ويو ، ان موقعي تي کلي ڪچهري کي خطاب ڪندي محمد ساجد جوکيو چيو ته ملير ۾ پهريون پيرو بلدياتي اليڪشن ۾ ٽن ٽائونن جي يوسين تي پيپلز پارٽي جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن ان ڪري گڏاپ ٽائون، ابراهيم حيدري ٽائون ، ملير ٽائون جا چيئرمين جيالا هوندا. ان سان گڏ تاريخ ۾ پهريون پيرو ميئر جيالو هوندو ، هن چيو ته پيپلز پارٽي جي دور ۾ ملير جي سمورن ڳوٺن کي سموري بنيادي سهولتون ڏنيون ويون آهن ملير ۾ سيڪنڊري اسڪول ڪاليج ۽ ٻيون تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو وڌيڪ چيو ته کلي ڪچهري ڪوٺائڻ جو مقصد عوام جا مسئلا ٻڌڻ لاءِ آيا آهيون عوام پنهنجا مسئلا اسان سان ۽ انتظاميا آڏو رکيا ويا آهن اسين عوام جي سمورن مسئلن جي لاءِ حل ڪرڻ جي ڀرپور لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ۽ عوام جا مسئلا ترجيع بنيادن تي حل ڪرايا ويندا، مون وٽ پيپلز پارٽي جا ورڪر مسئلا کڻي آيا ۽ مون محسوس ڪيو جيستائين کلي ڪچهري نه ٿيندي تيستائين مسئلا حل نه ٿيندا مان اهو نه ٿو چوان ته توهان جا 50 مسئلا آهن ۽ 50 مسئلائي حل ٿيندا ۽ چار مسئلا حل ٿيندا ته اڳلي مهيني هڪ کلي ڪچهري ڪوٺائي ويندي ته جيڪا کلي ڪچهري ڪوٺائي وئي ان جو ڪهڙو حل نڪتو جيڪي مسئلا کلي ڪچهري ۾ ٻڌايا ويا آهن انهن کي حل ڪيو ويندو هتي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ويٺل آهن انهن کي چوندس ته هتي بند پيل چوڪي اسٽارٽ ڪئي وڃي چاڪاڻ ته گڏاپ ٿاڻو هتان کان پري آهي ۽ هتي چوڪي قائم ڪئي وڃي ان ۾ سب انسپيڪٽر، اي ايس آئي ۽ پوليس عملو تعينات ڪيو وڃي. تقريب ۾ ڊي ايس پي گڏاپ، ايس ايڇ او گڏاپ، قادر بخش گبول، منظور حسين بلوچ، رفيق جوکيو، شاهجهان خاصخيلي، اياز حميد بلوچ سميت علائقي معززين ۽ عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 46

جهنجي سامهون ڪشمور ضلع جي امن امان وارو مسئلو چيلنج بڻجي چڪو هو ۽ پوري ضلع اندر ڌوهي سرگرمين ۾ اچانڪ تيزي اچڻ ڪري ڪين ايس ايس پي عرفان علي سمون کي وڌندڙ بد امني جنهن ۾ روزانه اغوا روڊ رهبري ۽ اسٽريٽ ڪرائم تي ڪنٽرول نه ڪرڻ بعد ڪين آئي جي سنڌ پاران عرفان علي سمون کي شڪارپور بدلي ڪندي سندن جي جاءِ تي شبير احمد سيٺار کي ڪشمور ضلع جو ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ايس ايس پي شبير سيٺار احمد سيٺار جي اچڻ شرط اغوائن جي سلسلي ۾ تيزي ايندي سندن جي ڪجهه ڏينهن جي مدي دوران اناره ماڻهون اغوا ڪيا ويا ۽ ڌوهارين جي سرگرمين کي سامهون رکندي ايس ايس پي شبير احمد سيٺار پاران آئي جي سنڌ کي ٽن مهينن لاءِ موڪل ڏيڻ جي درخواست ڏني وئي جيڪا آئي جي سنڌ پاران منظور ڪندي سندن جي جاءِ تي ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون کي اضافي چارج ڏني وئي جڏهن ته ٻئي پاسي ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار جي اچانڪ موڪل ڪرڻ بابت سوشل ميڊيا ذريعي ڄاڻ ملي ته ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار پاران موڪل ڪرڻ جو ڪارڻ ضلع ڪشمور اندر سياسي مداخلت من پسند ڪاروايون ڪرائڻ ۽ ڌوهارين کي پتو ڏيارڻ سميت گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ پل جي تعمير ۾ رڪاوٽ وجهڻ ڪري ڪين موڪل ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهيان.

بقايا — سنڌيار — 47

وڪرو ٿيڻ لڳيون، يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا، اطلاع تي ميڊيا جي ٽيم جو ڇاپو. يوٽيلٽي اسٽور انچارج پاران صحافين کي داٻا، يوٽيلٽي اسٽور انچارج صحافين کي ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. تفصيل موجب وزيراعظم پاڪستان طرفان مليل سبسڊي ۾ روزمره استعمال ٿيندڙ شيون يوٽيلٽي اسٽور تان غريبن بدران عام دڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون ميرپور ماٿيلو ۾ يوٽيلٽي اسٽور عوام لاءِ بي لاپ بڻجي ويا آهن. ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور پراڻي مارڪيٽ تان گيهه سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن. يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران گيهه، کنڊ، سميت روزمره جون شيون دوڪاندارن کي سرعام وڪرو ڪرڻ لڳا آهن. ان سلسلي ۾ جڏهن ميڊيا جي ٽيم ڇاپو هنيو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج ارشاد ڪولاچي پاران صحافين کي داٻا ڪيا ويا، ۽ ريڪارڊنگ ڪرڻ کان روڪي ورتو. ان سلسلي ۾ دوڪاندار ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان روزانو هتان يوٽيلٽي اسٽور تان سامان خريد ڪندا آهيون ۽ اسٽور انچارج اسان کي سستي اگهه تي سامان وڪرو ڪندو آهي، ۽ اسان وري پنهنجي دوڪانن تي سامان وڪرو ڪندا آهيون توهان خبرون نه هلايو مهرباني ٿيندي. ٻي پاسي شهرين ٻڌايو ته يوٽيلٽي اسٽور انچارج کان گيهه يا ڪو ٻيو سان خريد ڪندا آهيون ته اهو في ڪارڊ تي گيهه جي هڪ ٿيلهي ڏيندو آهي پر هُن ته هڪ ڪارڊ تي 65 ڪارٽون وڪرو ڪيا آهن. ان خلاف ڪو ڪامورو ڪاروائي نه ٿو ڪري، جڏهن ته ان سلسلي ۾ يوٽيلٽي اسٽور جي ڊائريڪٽر سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سندس سان رابطو نه ٿي سگهيو.

بقايا — سنڌيار — 48

پريشان، خاص ڪري ڊائلسز جا مريض سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جي ڊي سي جي سربراهه ظفر عباس ۽ نوجوان ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي سيد محمد علي زيدي جي ڪوشش جو نتيجو آيو آهي ۽ گورنمينٽ 25 بيڊ اسپتال ملير جي پرسان عمارت ۾ لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان جديد ڊائلسز مشينن ۽ ٻين سهولتن سان گڏ جمشيد رضا سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو افتتاح سنڌ جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي رورل نيٽ ورڪ (ڪراچي) جي جنرل سيڪريٽري زاهد رحيم، خوٽ عوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي باني وائيس چيئرمين ۽ ممتاز سماجي ورڪر سليم جي ميمڻ جي موجودگي ۾ هڪ سادي تقريب ۾ ڪيو) ۽ صحافي نذير احمد سنديلو پڻ جمشيد رضا ڊائلسز سينٽر جو دورو ڪيو. سينٽر جي انچارج سيد عمران تفصيل بيان ڪندي ٻڌايو ته هن وقت هن سينٽر ۾ روزانو ٻن شفٽن ۾ ڊائلسز مڪمل طور تي مفت ڪيو پيو وڃي. هتي ڪو به ڪيش ڪائونٽر ناهي، تجربيڪار ۽ قابل ڊاڪٽر ۽ تجربيڪار اسٽاف آهي. هيپاٽائيٽس بي ۽ هيپاٽائيٽس سي جي مريضن لاءِ هڪ هڪ بسترو آهي ۽ عام مريضن لاءِ پنج بيڊ موجود آهن. انشاء الله ٽين شفٽ به جلد شروع ٿيندي. سماجي ورڪر زاهد علاج هيٺ مريضن جي عيادت ڪئي. هن سينٽر جي قيام تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته اسان هفتي ۾ ٽي ڀيرا ڊائلسز ڪندا آهيون جنهن لاءِ اسان کي پري پري تائين وڃڻو پوندو هو. جي ڊي سي ظفر عباس جو ٿورائتو آهيان. اها سهولت گهر جي ويجهو حاصل ڪئي. ڪرينگي جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ايم ميمڻ جي ڊي سي کي درخواست ڪئي ته يادن ڳوٺ جي غريب عوام لاءِ ليبارٽري قائم ڪئي وڃي. جنهن تي سينٽر جي انچارج سيد عمران مڪمل تعاون جو يقين ڏيارين.

بقايا — سنڌيار — 49

جهنجي سامهون ڪشمور ضلع جي امن امان وارو مسئلو چيلنج بڻجي چڪو هو ۽ پوري ضلع اندر ڌوهي سرگرمين ۾ اچانڪ تيزي اچڻ ڪري ڪين ايس ايس پي عرفان علي سمون کي وڌندڙ بد امني جنهن ۾ روزانه اغوا روڊ رهبري ۽ اسٽريٽ ڪرائم تي ڪنٽرول نه ڪرڻ بعد ڪين آئي جي سنڌ پاران عرفان علي سمون کي شڪارپور بدلي ڪندي سندن جي جاءِ تي شبير احمد سيٺار کي ڪشمور ضلع جو ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ايس ايس پي شبير سيٺار احمد سيٺار جي اچڻ شرط اغوائن جي سلسلي ۾ تيزي ايندي سندن جي ڪجهه ڏينهن جي مدي دوران اناره ماڻهون اغوا ڪيا ويا ۽ ڌوهارين جي سرگرمين کي سامهون رکندي ايس ايس پي شبير احمد سيٺار پاران آئي جي سنڌ کي ٽن مهينن لاءِ موڪل ڏيڻ جي درخواست ڏني وئي جيڪا آئي جي سنڌ پاران منظور ڪندي سندن جي جاءِ تي ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون کي اضافي چارج ڏني وئي جڏهن ته ٻئي پاسي ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار جي اچانڪ موڪل ڪرڻ بابت سوشل ميڊيا ذريعي ڄاڻ ملي ته ايس ايس پي شبيراحمد سيٺار پاران موڪل ڪرڻ جو ڪارڻ ضلع ڪشمور اندر سياسي مداخلت من پسند ڪاروايون ڪرائڻ ۽ ڌوهارين کي پتو ڏيارڻ سميت گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ پل جي تعمير ۾ رڪاوٽ وجهڻ ڪري ڪين موڪل ڪرڻ تي مجبور ٿيو آهيان.